ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) آچر 21 ڊسمبر 2025ع 29 جمادي الثاني 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيا شمارو (128)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Daily Ibrat Karachi Sunday 21st December 2025
سال (18) آچر 21 ڊسمبر 2025ع 29 جمادي الثاني 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيا شمارو (91)
Daily Ibrat Hyderabad Sunday 21st December 2025

خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري جي بختاور ڪيڊٽ ڪاليج جي پنجين پاسنگ آئوٽ پريڊ ۾ شرڪت، نئين جمنازيم ۽ سوئمنگ پول جو افتتاح

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان جي خاتون اول ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر آصفه ڀٽو زرداري ڪئڊٽ ڪاليج ڏيتهن بختاور
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

لاهور ۾ آمريڪي قونصل جنرل سان پي ايس ايل جي سي اي او جي ملاقات

لاهور (اي پي پي) لاهور ۾ آمريڪي قونصل جنرل اسٽيفنسن سينڊرز سان پي
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي اگهه ۾ اضافو رڪارڊ

نيويارڪ (اي پي پي) عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي اگهه ۾ اضافو رڪارڊ ڪيو ويو
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ توشا خانا ٽو ڪيس ۾ عمران خان ۽ بشريٰ بي بي کي 17،17 سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي

اسپيشل جج سينٽرل ارجمند شاهه اڊيالا جيل ۾ عمران خان ۽ بشريٰ بي بي جي موجودگيءَ ۾ توشا خانا ٽو ڪيس جو فيصلو ٻڌايو، عمران خان ۽ بشريٰ بي بي جي وڪيلن مان ڪو به عدالت ۾ پهتو

عدالت عمران خان ۽ بشريٰ بي بي کي هڪ ڪروڙ 64 لک رپيا ڏنڊ جي سزا پڻ ٻڌائي، اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي گهرواري بشريٰ بي بي خلاف توشا خانا ٽو ڪيس جو لکت ۾ فيصلو سامهون اچي ويو

فرياد ڌر پنهنجو ڪيس ثابت ڪرڻ ۾ ڪامياب رهي، ٻنهي جوابدارن تي امانت ۾ خيانت جو ڏوهه ثابت، عمران خان کي ڪلم 409 تحت ڏهه سال ۽ اينٽي ڪرپشن ايڪٽ تحت ست سال قيد جي سزا

پي ٽي آءِ باني جي وڏي عمر ۽ بشريٰ بي بي جي عورت هئڻ سبب گهٽ سزا ڏني وئي، جڏهن ته جوابدارن جي گرفتاري واري عرصي کي به سزا ۾ شامل ڪيو ويو آهي: اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو لکت ۾ فيصلو جاري

سيپٽمبر 2024ع ۾ ايف آءِ اي جاچ ڪانپوءِ چالان عدالت ۾ جمع ڪرايو هو، توشا خانا جي ٻئي ڪيس ۾ عمران خان ۽ سندس گهرواري بشريٰ بي بي تي 12 ڊسمبر 2024ع تي فرد جرم لاڳو ڪيو ويو هو

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اسلام آباد جي عدالت توشا خانا ٽو ڪيس ۾ پي ٽي آءِ باني عمران خان ۽ سندس گهرواري بشريٰ بي بي کي 17، 17 سال قيد جي سزا ٻڌائي وئي اسپيشل جج سينٽرل ارجمند شاهه اڊيالا جيل ۾ عمران خان ۽ بشريٰ بي بي جي موجودگيءَ ۾ توشا خانا ٽو ڪيس جو فيصلو ٻڌايو جڏهن ته عمران خان ۽ بشريٰ بي بي جي وڪيلن مان ڪو به
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ جو باني عمران خان ۽ سندس گهرواري بشرا بيبي جو فائل فوٽو

سياسي جماعت کي سياسي جماعت ٿي رهڻ گهرجي، ڪنهن جو هٿيار نه بڻجڻ گهرجي: سهيل آفريدي

اسان جون عدالتون رڳو فيصلا ڪري رهيون آهن، ڪير سوچي ٿو ته اهي اٿهن جي حڪومت آهي ۽ سياڻي هو ٻيهي بڻجي نه ٿين بلڪل به نامي
اهم منهنجي ليڊر بابت ناانصافي تي ٻڌل فيصلو ٻڌايو ويو آهي، اسان کي 26هين آئيني ترميم کان اڳ به انصاف نه مليو

اسلام آباد: وزيراعليٰ ڪي پي ڪي سهيل
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

آمريڪي صدر گرين ڪارڊ لاٽري پروگرام معطل ڪري ڇڏيو

براؤن يونيورسٽي ۽ ميساچوسٽس انسٽيٽيوٽ ۾ شڪي جوابدار آمريڪا ۾ داخل ٿيو هو
ٽرمپ جي هدايت تي آمريڪي شهريت ۽ اميگريشن بابت کاتي کي پروگرام روڪڻ جو حڪم ڏنو ويو

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا جي صدر ڊونلڊ ٽرمپ گرين ڪارڊ لاٽري پروگرام معطل ڪري ڇڏيو جنهن ذريعي براؤن
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان پاڪستان ۾ مقرر تاجڪستان جي سفير جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان پاڪستان ۾ تاجڪستان جي سفير شريف
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

سپريم ڪورٽ ۾ مالياتي معاملن جي ڊجيٽلائيزيشن اولين ترجيح آهي: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي

اي جي پي آر ڪامران رشيد چيف جسٽس آف پاڪستان يحيٰ آفريدي سان ملاقات ڪئي، ڊجيٽل نظام تي بريفنگ
مالي وصولين جي نظام کي ان ٽيڪ سان هم آهنگ ڪرڻ گهرجي، عدالتي فيس، سڪيورٽيز ۽ ٻي رقم ڊجيٽل ذريعن سان جمع ڪرائي سگهجن: چيف جسٽس

اسلام آباد (اي پي پي) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي عدالتي نظام ۾ مالياتي نظم ۽ ضبط کي جديد رخن تي هموار ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو آهي ته سپريم ڪورٽ ۾
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ باني کي ڪنهن ٻي جيل منتقل نه پيو ڪيو وڃي: راڻا ثناءُ الله

جيڪڏهن هن سان صرف ملاقاتون ڪيون وڃن ته حڪومت کي ڪو به اعتراض ناهي

چنيوٽ (اي پي پي) سياسي معاملن بابت وزيراعظم جو صلاحڪار راڻا ثناءُ الله چنيوٽ ۾ پي پي پي سينٽرل پنجاب جي جنرل
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اولهه بنگال: وزيراعليٰ نتيش ڪمار خلاف عورتن جو احتجاجي مارچ

پارٽي رياست بنگال ۾ ڪيترين ئي عورتون ڪولڪته جي روڊن تي نڪري آيون
مسلمان ڊاڪٽرياڻي جو نقاب سرعام هٽائڻ جي ڏوهاري وزيراعليٰ نتيش خلاف نعريبازي

ڪولڪته (اي پي پي) پارٽي رياست بنگال
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

توشا خانا ڪيس کي سياسي رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي: طلال چوڌري

قانون ۾ مقبوليت يا سياستدان هئڻ بي گناهي جو دليل ناهي هوندو، قانون سڀني لاءِ برابر آهي
جيڪڏهن تحفا وصول ڪيا ويا، جمع نه ڪرايا ويا ۽ ان جي غلط قيمت لڳائي وئي ته اهو واضح ڏوهه آهي

فيصل آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري مملڪتي وزير طلال چوڌري چيو آهي ته توشه خان ڪيس هڪ سادو واضح ۽
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

اسان کي تحريڪ جو نالو بحالي آئين پاڪستان رکڻ گهرجي ها: بئرسٽر گوهر

هر سال ٻيهرين اقتدار ۾ آيل حڪومت وٽ سادي اڪثريت نه هئي، اسان جو مينڊيٽ ڪسيو ويو
سپريم ڪورٽ جي جسٽس اعجاز الحسن کي چيو ويو ته 12 وڳي کان اڳ گهر هليا وڃو

اسلام آباد: پي ٽي آءِ چيئرمين بئرسٽر گوهر چيو ته اسان پنهنجي سياسي تحريڪ جو نالو تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان رکيو هر حالتون ٻڌائين ٿيون ته اسان کي اهو نالو تحريڪ بحالي آئين پاڪستان رکڻ
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ سان مزاحمت لاءِ ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار آهيون: ايمان مزاري

پي ٽي آءِ مقبول ترين جماعت آهي، عوام عمران خان کي مينڊيٽ ڏنو

اسلام آباد (م د) تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي قومي ڪانفرنس ۾ خطاب ڪندي وڪيل ايمان مزاري چيو آهي ته پي
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

اسان هر قسم جي دهشتگردي جا مخالف آهيون: شازيه عطا مري

ڪيرو (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي اطلاعات سيڪريٽري ايم اين اي شازيا عطا مري ڪيرو جي ميونسپل
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2



بقايا 1 سزا ٻڌائي ڇڏي

عدالت نہ پهريون عمران خان ۽ بشريٰ بي بي کي پي پي سي قلم 409 تحت 7، 7 سال قيد جي بہ سزا ٻڌائي وئي ۽ ٻنهي کي گڏيل طور تي 17 سال سزا ٻڌائي وئي عدالت عمران خان ۽ بشريٰ بي بي کي هڪ ڪروڙ 64 لک رپيا ڏنڊ جي سزا پڻ ٻڌائي اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي گهرواري بشريٰ بي بي خلاف توشا خانا ٽو ڪيس جو لکت ۾ فيصلو سامهون اچي ويو آهي اسپيشل جج سينٽرل ارجمند شاهہ توشا خانا ٽو ڪيس ۾ عمران خان ۽ بشريٰ بي بي کي گڏيل طور تي 17، 17 سال قيد ۽ هڪ ڪروڙ 64 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي آهي. توشا خانا ٽو جي لکت ۾ جاري ڪيل فيصلي ۾ چيو ويو آهي تہ فريادي ڌر پنهنجو ڪيس ثابت ڪرڻ ۾ ڪامياب رهي ۽ ٻنهي جوابدارن تي امانت ۾ خيانت جو ڏوهہ ثابت ٿئي ٿو فيصلي ۾ چائيو ويو آهي تہ پي ٽي آءِ باني عمران خان کي ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي قلم 409 تحت ڏهہ سال ۽ اينٽي ڪرپشن ايڪٽ تحت ست سال قيد جي سزا ٻڌائي وئي فيصلي موجب، بشريٰ بي بي کي بہ 17 سال قيد جي سزا ٻڌائي وئي جڏهن تہ هر هڪ تي هڪ ڪروڙ 64 لک 25 هزار 650 رپيا ڏنڊ هنيو ويو. عدالتي فيصلي ۾ چيو ويو آهي تہ پي ٽي آءِ باني کي وڏي عمر ۽ بشريٰ بي بي کي عورت هئڻ سبب گهٽ سزا ڏني وئي، جڏهن تہ جوابدارن جي گرفتاري واري عرصي کي بہ ...

... سيپٽمبر 2024ع ۾ ايف آءِ اي جاچ ڪانپوءِ چالان عدالت ۾ جمع ڪرايو هو توشا خانا جي ٻئي ڪيس ۾ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ۽ سندس گهرواري بشريٰ بي بي تي 12 ڊسمبر 2024ع تي فرد جرم لاڳو ڪيو ويو هو ياد رهي تہ توشا خانا جي پهرئين ڪيس ۾ عدالت عمران خان ۽ بشريٰ بي بي کي بري ڪري چڪي آهي.

بقايا 2 يحيٰ آفريدي

ماليياتي معاملن جي ڊجيٽلائيزيشن سندس ترجيحن ۾ سڀ کان مٿي آهي. ان حوالي سان هر ممڪن اداره جاتي تعاون فراهم ڪيو ويندو سپريم ڪورٽ مان جاري پڌرائي موجب اهڙو اظهار هن گڏريل ڏينهن اڪائونٽنٽ جنرل آف پاڪستان روينيو (اي جي پي آر) ڪامران رشيد سان ملاقات دوران ڪيو ملاقات ۾ اي جي پي آر چيف جسٽس کي سرڪاري ادائيگين جي ڊجيٽل نظام بابت قلمن تي بريفنگ ۾ ٻڌايو تہ سپريم ڪورٽ ۾ آن لائن بلنگ سلوشن لاڳو ڪرڻ جي شروعات ڪئي وئي آهي جيڪو ايندڙ 15 ڏينهن ۾ فعال ٿي ويندو ان نظام ذريعي خرچن جي ادائيگين ۾ تيزي ايندي جڏهن تہ هٿوهٿ بلن ۽ چيڪس جو خاتمو ٿي ويندو چيف جسٽس يحيٰ آفريدي ان قدم کي ساراهيندي لاڳاپيل شعبن کي ان جي وقت سر ۽ موثر لاڳو لاءِ ضروري هدايتون جاري ڪيون هن ان خواهش جو اظهار پڻ ڪيو تہ چيف جسٽس جي منظوري سان اهو ڊجيٽل نظام هاءِ ڪورٽس تائين بہ توسيع ڏني ويندي، چيف جسٽس چيو تہ مالي وصولين جي نظام کي بہ فني ٽيڪ سان هم آهنگ ڪرڻ گهرجي تہ جيئن سائلين ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين عدالتي فيس، سيڪيورٽيز ۽ ٻي رقم ڊجيٽل ذريعن سان جمع ڪرائي سگهن هن ان ڏس ۾ اسٽيٽ بئنڪ سان ويجهي رابطي جي ضرورت تي بہ زور ڀريو تہ جيئن مالي ڏي وٺ محفوظ، معياري ۽ شفاف بڻائي سگهجي. ملاقات جي موقعي تي ...

آفريدي جو چوڻ آهي تہ اڄ سندس ليڊر بابت ناانصافي تي ٻڌل فيصلو ٻڌايو ويو آهي، اسان کي 26هين آئيني ترميم کان اڳ بہ انصاف نہ مليو ان کان پهرين بہ ادارا ۽ جمهوري ادارا مفلوج هئا، پي ٽي آءِ باني بايو ميٽرڪ ذريعي چونڊون ڪرائڻ چاهي پيو اسان جون عدالتون رڳو فيصلا ڪري رهيون آهن. ڪير سوچي ٿو تہ اڄ انهن جي حڪومت آهي ۽ سڀاڻي هو ٻجي ويندا تہ ...

... وٺ ڪئي ترجمان مطابق ان موقعي تي آمريڪي سيڙپڪارن جي پاڪستان سپرليگ ۾ دلچسپي تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي اسٽيڪسن سينڊرز ۽ سلمان نصير آمريڪا ۾ ڪرڪيٽ جي وڌندڙ دلچسپي لاءِ مختلف پلانز تي غور بہ ڪيو قونصل جنرل پي ايس ايل جي ورڪنگ ۽ ان جي وڌندڙ مقبوليت بابت ڄاڻڻ ۾ دلچسپي ظاهر ڪئي ترجمان مطابق ملاقات ۾ ...

... فيصلا شاهدين ۽ قانون جي بنياد تي ٿي رهيا آهن ۽ جيڪو بہ قانون جي پيچيدگي ۾ ملوث آهي. ان کي جواب ڏيڻو پوندو چاهي اهو ڪيترو ئي طاقتور يا مقبول ڇو نہ هجي. پرڏيهي پاليسيءَ تي ڳالهيون ڪندي هن چيو تہ اڄ پاڪستان جي سفارتڪاري تاريخ جي مضبوط ترين سطح تي آهي چين، آمريڪا، يورپ، عرب ملڪن ۽ خاص ڪري سعودي عرب سان اسٽريٽجڪ ۽ ...

... سان ڳالهائيندي هن چيو تہ فيس بڪ، سوشل ميڊيا ۽ عدالتي رڪارڊ پاڻ گواهہ آهن تہ قيمتي تحفا، جن ۾ ڪروڙين رپين جو هار شامل هو توشہ خانا ۾ جمع ڪرائڻ بدران ذاتي استعمال ۾ رکيا ويا، ان جي گهٽ قيمت ظاهر ڪئي وئي ۽ رياستي عهدي جو فائدو کنيو ويو هي عمل نہ صرف قانون جي پيچيدگي آهي پر پاڪستان جي عالمي ساک لاءِ پڻ نقصانده ...

ڪراچي ۾ شاهراهہ ڀٽو جي تعمير لاءِ زمين جو قبضو نہ ڏيندڙ زميندار سميت 6 ڄڻا گرفتار، مظاهرو

مزاحمت ڪرڻ تي پوليس مقامي زميندار عظيم ڌڪاڻ سندس پيءُ سميت ڇهہ ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو

اطلاع ملڻ تي وڏي انگ ۾ ماڻهو نيشنل هاءِ وي تي نڪري آيا، ٽائر ساڙي روڊ بند ڪري ڌرڻو هنيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شاهراهہ ڀٽو (اڳوڻي ملير ايڪسپريس وي) جي انٽرچينج جي تعمير لاءِ زمين قبضي ۾ وٺڻ خلاف مزاحمت ڪرڻ تي پوليس مقامي زميندار عظيم ڌڪاڻ سندس پيءُ سميت وڌيڪ ڇهہ ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو ذريعن موجب گرفتار ڪيل ماڻهن کي بعد ۾ نامعلوم هنڌ منتقل ڪيو ويو آهي گرفتاري جي خبر ملندي ئي وڏي انگ ۾ ماڻهو ملير نيشنل هاءِ وي تي نڪري آيا، جتي ٽائر ساڙي روڊ بند ڪري ڌرڻو هنيو ويو واضح رهي تہ سنڌ حڪومت طرفان پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت شاهراهہ ڀٽو جي انٽرچينج جي تعمير جو منصوبو جاري آهي، جنهن لاءِ زمين گهربل آهي ان مقصد لاءِ عظيم ڌڪاڻ جي موروثي زمين استعمال ۾ آڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو جڏهن تہ عظيم ڌڪاڻ جو چوڻ آهي تہ انٽرچينج جي نقشي ۾ مناسب تبديلي آڻي سندس زمين کي محفوظ رکيو وڃي ذريعن موجب عظيم ڌڪاڻ ۽ سندس گهر ڀاتين زمين حاصل ڪرڻ واري فيصلي خلاف احتجاج ۽ مزاحمت ڪئي جنهن تي پوليس ڪارروائي ڪندي کين حراست ۾ ورتو ياد رهي تہ ساڳئي معاملي تي عظيم ڌڪاڻ کي اڳ بہ هڪ ڀيرو گرفتار ڪيو ويو هو واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي. جڏهن تہ علائقي وارن گرفتارين تي ڳڻتي ظاهر ڪندي واقعي جي شفاف جاچ جو مطالبو ڪيو آهي موجب گرفتار ڪيل ماڻهن کي بعد ۾ نامعلوم هنڌ منتقل ڪيو ويو آهي ...

ڪراچي: شاهراهہ ڀٽو جي تعمير لاءِ قبضو نہ ڏيڻ تي گرفتار زميندارن بابت طرف مظاهري جو ڏيک

بلوچستان جي لاپتا ماڻهن جو آواز، تاريخ جو وڏو ڪردار ماما قدير بلوچ لاڏاڻو ڪري ويو

ماما قدير 2009ع ۾ پنهنجي پٽ جلال جي جبري گمشدگي ۽ قتل ڪانپوءِ سنجيده جدوجهد شروع ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بلوچ انساني حقن جي معروف اڳواڻ ۽ اداري وائس فار بلوچ مسنگ پرسنز جي نائب صدر ماما قدير ريڪي بلوچ ڪراچي جي آريا اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويا. ماما قدير ريڪي بلوچ سن 2009ع ۾ پنهنجي پٽ جلال جي جبري گمشدگي ۽ پوءِ قتل ڪانپوءِ بلوچ جبري لاپتا ماڻهن جي مسئلي تي سنجيده جدوجهد شروع ڪئي هن انساني حقن لاءِ پنهنجي سڄي زندگي وقف ڪري ڇڏي ۽ جبري گمشدگين خلاف ملڪ توڙي عالمي سطح تي آواز بلند ڪيو سن 2009ع ۾ ماما قدير ڪوئيٽا کان اسلام آباد تائين هڪ ڊگهو لانگ مارچ ڪيو جنهن ذريعي بلوچ جبري لاپتا ماڻهن جو مسئلو اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هن لانگ مارچ ۾ شهيد بانو ڪريمہ فرزانہ مجيد ۽ ٻين بلوچ انساني حقن جي ڪارڪنن شرڪت ڪئي هئي لانگ مارچ دنيا جي سڀ کان وڏين احتجاجي ريليز مان هڪ قرار ڏنو ويندو آهي.

گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي جو مارگلا انڪليو پراجيڪٽ جو دورو

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي گذريل ڏينهن مارگلا انڪليو پراجيڪٽ جو دورو ڪيو ۽ ...

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر پراونشل بلڊنگس ڊويزن شهيد بينظير آباد

(اي ميل: xenpbd.nawabshah@gmail.com، فون/فيڪس: 0244-9370143)

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

حوالو: نمبر TC/G-55/1764 تاريخ: 15/12/2025

سنگل اسٽيج ٽو اينوليپس پروسيجر واڪ جي عمل تحت سيل ٿيل ٽينڊر هتي سيني ٺيڪيدارن / فرمن کان طلب ڪيا ويا آهن جيڪي پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان لاڳاپيل فيلڊ ۽ مناسب ڪيٽيگري ۾ رجسٽرڊ آهن. SPPRA رولز 2010 (ترميم ٿيل-2019) جي مطابق الڳ مهربند ٿيل لفافن ۾.

نمبر	ڪم جو نالو	ڪٿيل رقم	تڪميل جو مدو	واڪ ڪاغذن جي لاڳت
01	دولت پور تعلقي قاضي احمد ضلعي شهيد بينظير آباد (اندروني روڊ) ۾ حادثو ۽ ايمرجنسي سينٽر جي تعمير.	11.900	06 مهينا	3000
02	پريا روڊ ضلعي نوشهروفيروز ۾ بي ايڇ يو کي آر ايڇ سي بلڊنگ ۾ اپ گريڊيشن (بيروني ترقي)	6.100	12 مهينا	3000
03	پريا روڊ ضلعي نوشهروفيروز ۾ بي ايڇ يو کي آر ايڇ سي بلڊنگ ۾ اپ گريڊيشن (ڪمپائونڊ وال آءِ/سي اسٽيل گيٽس 02- عدد).	6.400	12 مهينا	3000
04	دريا خان مري ضلعي نوشهروفيروز ۾ آر ايڇ سي بلڊنگ جي مرمت ۽ بحالي (ڪمپائونڊ وال آءِ/سي اسٽيل گيٽس 02-عدد)	6.450	12 مهينا	3000
05	ڳوٺ قلندر بخش مبيجو ضلعي نوشهروفيروز ۾ سنڌ ۾ وٽرنري سينٽرز (PHASE-III) جو قيام.	7.700	12 مهينا	3000

واڪن/ٽينڊرن جي اجراءَ/وصول ڪرڻ ۽ کولڻ لاءِ پروگرام

نمبر شمار	تفصيل	پهريون پيرو	ڪمن کي موٽ نہ ملڻ جي صورت ۾ ٻيون پيرو
1.	درخواست جي وصولي ۽ ٽينڊر جاري ڪرڻ جي آخري تاريخ اخبار ۾ اين آءِ ٽي جي اشاعت کان صبح جو 9:15 تائين (ڪنهن بہ ڪم ڪار واري ڏينهن).	06-01-2026	21-01-2026
2.	ٽينڊر صبح 9:30 وڳي تائين واپس وصول ڪيا ويندا ۽ ساڳئي ڏينهن صبح 10:30 وڳي تائين کوليا ويندا.	07-01-2026	22-01-2026

2- قابليت/لازمي:

i. پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل وٽ جون 2026 تائين ۽ ان ڪانپوءِ ڪارگر رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ.

ii. (اي) گهٽ ۾ گهٽ هڪ ساڳئي نوعيت جو ڪم جنهن جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت ڪم جي تخميني قيمت جو 80 سيڪڙو هجي (بي) گهٽ ۾ گهٽ بہ ساڳئي نوعيت جا ڪم جن مان هر هڪ جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت ڪٿيل قيمت جو 50 سيڪڙو هجي، گذريل پنجن سالن دوران مڪمل ٿيل هجي ۽ مڪمل ٿيڻ جي سرٽيفڪيٽ، تفصيلي ڪم ڪندڙ تخميني جي تصديق ٿيل ڪاپين ۽ SPPRA ID جي تصديق ٿيل هجي جنهن ۾ واڪ جي تشخيص رپورٽ ڊڪلير هجي

iii. فرم سان ڪم ڪندڙ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنيڪل عملي جي بايو ڊيٽا.

...

اي) هيٺين شرطن تحت واڪ رد ڪيا ويندا:

i. ڪوبہ مشروط / اليڪٽرانڪ ۽ ٽيليگرافڪ واڪ/ ٽينڊر قبول نہ ڪيا ويندا.

ii. واڪ جن سان گهربل رقم ۽ فارم جي اصل واڪ سيڪيورٽي شامل نہ هجي.

iii. مخصوص تاريخ ۽ وقت ڪانپوءِ مليل واڪ.

iv. بليڪ لسٽ ٿيل فرمون.

b. اصل واڪ سيڪيورٽي / پيشڪش جي رقم ڪانسواءِ ڪنهن بہ واڪ ڏيندڙ کي واڪ جي عمل جي اجازت نہ هوندي.

c. واڪ جو ڪارگر مدو: 90 ڏينهن

d. پروڪيورمينٽ اٿارٽي ايس پي پي آر اي رولز 2010 (ترميم ٿيل هيستائين) جي ضابطن مطابق ڪنهن بہ يا سڀني ٽينڊرن / واڪن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

e. سرڪاري موڪل / هڙتال جي صورت ۾ يا ڪنهن اڻٽندڙ واقعي جي ڪري، جمع ڪرائڻ / کولڻ جي تاريخ، جمع ڪرائڻ جي ساڳئي وقت سان ايندڙ ڪم ڪار وارو ڏينهن هوندو.

کولڻ:

7- جيڪڏهن پروڪيورمينٽ ڪميٽي جو ڪو بہ ميمبر کولڻ جي تاريخ تي هيڊ آفيس کان ٻاهر هوندو آهي تہ واڪ ايندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي شيڊيول سان جمع ڪرايو ۽ کوليو ويندو.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
پراونشل بلڊنگس ڊويزن شهيد بينظير آباد

INF-KRY.NO.4427/2025

iWORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

پارليامينٽرين، سياستدانن، ڪاموررن سميت 370 ماڻهن تي ملڪ کان ٻاهر وڃڻ تي پابندي

وفاقي گهرو وزارت پارلياماني قومي، صوبائي اسيمبلين، سينيٽ جي ميمبرن، سياستدانن تي ٻڌل لسٽ اميگريشن انتظاميا کي فراهم

ڪاموررن، صنعتڪارن، وڪلاءَ ۽ ٻين طبقن سان تعلق رکندڙ 370 ماڻهن جي لسٽ تيار ڪري اختيارين کي ڏني وئي

ميونسپل ڪمشنر افضال زيدي کي پاسپورٽ بلاڪ ٿيڻ تي ڪراچي ايئرپورٽ تان واپس ڪيو ويو، سياستدان محمد علي شيخ جو پاسپورٽ بلاڪ

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) وفاقي گهرو وزارت ٽيئن سال جي لاءِ ملڪ کان ٻاهر ويندڙ قومي، صوبائي، سينيٽ جي ميمبرن سياستدانن ڪاموررن صنعتڪارن وڪيل ۽ ٻين طبقن سان تعلق رکندڙ 370 ماڻهن جي لسٽ تيار ڪئي آهي، جيڪا ڪراچي، لاهور، اسلام آباد، پشاور، ڪوئيٽا، گلگت، آزاد ڪشمير سميت ملڪ جي ٻين ايئرپورٽن تي اميگريشن انتظاميا کي لسٽ فراهم ڪئي وئي آهي. انڊس هاءِ ويز ۽ سي پورٽن جي اختيارين کي پڻ آگاهہ ڪيو ويو آهي، سنڌ مان 215 ماڻهو شامل آهن 80 ماڻهن جا پاسپورٽ بلاڪ ڪيا ويا آهن ميونسپل ڪمشنر افضال زيدي کي پاسپورٽ بلاڪ ٿيڻ تي ڪراچي ايئرپورٽ تان واپس ڪيو ويو مشهور سياستدان محمد علي شيخ کي بہ ڪراچي کان دبئي ويندي پاسپورٽ بلاڪ ڪيو ويو آهي

غيرقانوني پرڏيهہ ويندڙ ۽ شڪي دستاويز رکندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي: وزيراعظم

وزيراعظم جي صدارت هيٺ انساني اسمگلنگ جي خاتمي ۽ غير قانوني طور پرڏيهہ سفر ڪندڙن خلاف قدمن تي جائزه اجلاس ٿيو

پرڏيهہ سفر ڪندڙ مسافرن جي آف لوڊنگ جي شڪايت تي گهرو وفاقي وزير پاران ايئرپورٽس وجي صورتحال جو جائزو ورتو: شهباز شريف

هلندڙ سال انساني اسمگلنگ ۽ پرڏيهہ ملڪ غير قانوني طور سفر ڪندڙ پاڪستانين جي انگ ۾ 47 سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي: بريفنگ

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف انساني اسمگلنگ جي خاتمي لاءِ لاڳاپيل ادارن جي ڪاوشن کي ساراهيندي چيو آهي تہ غير قانوني طور پرڏيهہ جو سفر ڪندڙن ۽ شڪي سفري دستاويز رکندڙن خلاف ڪارروائيءَ ۾ ان ڳالهہ جو خاص خيال رکيو وڃي تہ مڪمل دستاويز رکندڙ مسافر ان سان متاثر نہ ٿين. ڪالهہ وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت هيٺ انساني اسمگلنگ جي خاتمي ۽ غير قانوني طور پرڏيهہ سفر ڪندڙن خلاف قدمن جو جائزو اجلاس ٿيو. اجلاس ۾ گهرو وفاقي وزير محسن نقوي، قانون ۽ انصاف وارو وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ اقتصادي معاملن وارو وفاقي وزير احد چيما، سڏ سماءَ وارو وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ گهرو معاملن وارو مملڪتي وزير طلال چوڌري ۽ لاڳاپيل اعليٰ سرڪاري آفيسرن شرڪت ڪئي. وزيراعظم انساني اسمگلنگ جي خاتمي لاءِ لاڳاپيل ادارن جي ڪاوشن جي ساراهہ ڪئي. هن چيو تہ پرڏيهہ سفر ڪندڙ مسافرن جي آف لوڊنگ جي حوالي سان تازن اطلاعن ۽ ان حوالي سان شڪايت تي گهرو وفاقي وزير پاران ايئرپورٽس وجي صورتحال جو جائزو ورتو جيڪو انتهائي تعريف جوڳو آهي. وزيراعظم هدايت ڪئي تہ غير قانوني طور پرڏيهہ سفر ڪندڙ ۽ شڪي دستاويز رکندڙن خلاف ڪارروائيءَ ۾ ان ڳالهہ جو خاص خيال رکيو وڃي تہ مڪمل سفري دستاويز رکندڙ مسافر ان سان متاثر نہ ٿين. هن پروٽيڪٽوريٽ آف اميگريشن جي ڪارڪردگي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ۽ وفاقي جاچ اداري ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن سان هم آهنگي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي هدايت ڪئي تہ جيئن قانوني طور تي پرڏيهہ ۾ ملازمت لاءِ ويندڙن کي سفر دوران ڪنهن رڪاوٽ کي منهن نہ ڏيڻو پوي. هن چيو تہ اميگريشن جو نظام بهتر بڻائڻ جي حوالي سان ٽيڪنالاجي جو ڀرپور استعمال وقت جي اهم ضرورت آهي. هن ڪرپٽ ڌرين خلاف سخت ڪارروائي جي بہ هدايت ڪئي. اجلاس کي پرڏيهہ جي غير قانوني سفر ڪندڙن خلاف ڪارروائين ۽ قدمن تي بريفنگ ڏني وئي. اجلاس کي ٻڌايو ويو تہ هلندڙ سال انساني اسمگلنگ ۽ پرڏيهہ ملڪ غير قانوني طور سفر ڪندڙ پاڪستانين جي انگ ۾ 47 سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي اهڙيءَ طرح برطانيہ ۽ نار ملڪن ۾ غير قانوني دستاويزن تي سفر ڪندڙن جي انگ ۾ گهٽتائي آئي آهي. يورپي ملڪن ۾ غير قانوني لڏپلاڻ، ورڪ ويزا، وزٽ ۽ ٽوئرسٽ ويزا جو غلط استعمال آف لوڊنگ ۽ ڊي پورٽيشن جا اهم ڪارڻ آهن اڪثر مسافر سعودي عرب، گڏيل عرب امارات، عراق، ملائيشيا ۽ اومان مان ڊي پورٽ ٿيا. اجلاس کي وڌيڪ آگاهہ ڪيو ويو تہ وفاقي تحقيقاتي اداري (ايف آءِ اي) ۾ رسڪ اسسمينٽ يونٽ ڪم ڪري رهيو آهي جنهن سان مسافرن جي ٽارگيٽڊ اسڪريننگ ڪئي ويندي آهي ۽ ڊي پورٽ ٿيل ۽ غير قانوني سفر ڪندڙ مسافرن جي ڊيٽا سسٽم ۾ شامل ڪئي ويندي آهي. اجلاس کي ٻڌايو ويو تہ ايف آءِ اي، اينٽي نارڪوٽڪس فورس ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن ۾ ڪرپشن جي حوالي سان زيرو ٽالرنس آهي، ايف آءِ اي ۾ ڪرپشن ثابت ٿيڻ تي 196 آفيسرن ۽ اهلڪارن کي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو آهي. اجلاس کي ٻڌايو ويو تہ ايئرپورٽس تي اي گيٽس جو نظام فعال بڻائڻ تي ڪم جاري آهي. ان کان علاوہ اي پي آءِ-پي اين آر جي ڊيٽا تائين پهچ ممڪن بڻائي ويندي تہ جيئن امڪاني طور تي غير قانوني سفري دستاويز ڀريان کان ٿي دستياب هجن مسافرن جي ڊيٽا جي حوالي سان موبائل فون ايپليڪيشن تيار ڪئي پئي وڃي ايف آءِ اي جي آءِ بي ايم ايس ۽ آءِ ٽي سيڪشنز جي ري اسٽرڪچرنگ ڪئي پئي وڃي غير قانوني سفر روڪڻ لاءِ مصنوعي ذهانت جو استعمال ڪيو پيو وڃي.

سرينگر، ڪشمير وادي ۾ ٿڌ جي شدت ۾ اضافو

... سياحتي ماڳ گلمرگ ۾ گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد 10 سيلسيس رڪارڊ ڪيو ويو ٻئي پاسي ڪشمير وادي ۾ اڄ 21 ڊسمبر کان شديد ٿڌ جي موسم "چلان ڪلان" جي شروعات ٿي وئي آهي جيڪا 30 جنوري تائين جاري رهندي چلان ڪلاں دوران وادي ۾ برفباري جو امڪان هوندو آهي ۽ سڄي وادي ۾ گرمي پد تيزي سان گهٽجي ويندو آهي

UNIVERSITY OF KARACHI

Tel: (021) 9926 1300-6 Ext: 2215 Tel/Fax: 9926 1350
Email: purchase@uok.edu.pk

Ref: P.O./0167-2025 Dated: 18, DEC 2025

TENDER NOTICE FOR

Procurement of Various Items for University of Karachi

هيٺ ڄاڻايل شين جي فراهمي لاءِ واڪ گهربل آهن. جيڪي Single Stage One Envelope Procedure Procurement Of Various Itemes جي لاءِ آهن. ۽ صرف اهڙيون معروف فرمون حصو وٺي سگهن ٿيون. جيڪي SRB، Sale Tax ۽ NTN سان گڏ رجسٽرڊ هجن.

شين جي وڌيڪ تفصيل، مقدار ۽ شرط ۽ ضابطا واڪ دستاويز ۾ درج آهن. واڪ ڏيندڙ/ سپلائر جو e-Pak Acquisition & Disposal System (EPADS) تي رجسٽرڊ هئڻ لازمي آهي. تہ جيئن Procurement of various items جي هن ٽينڊر ۾ حصو وٺي سگهجي. دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙ EPADS تي هيٺ ڏنل لنڪ ذريعي آن لائين رجسٽريشن ڪرائي سگهن ٿا.

http://sindh.eprocure.gov.pk/#/auth/login

Bidding Documents جن ۾ تفصيلي شرط ۽ ضابطا، خريداري جو طريقو، Bid Security, Bid Validity, Opening of آڇ جمع ڪرائڻ جو طريقو، Bids, Evaluation Criteria ڪليئرنس / Performance Guarantee etc وغيره شامل آهن. جيڪي هيٺ ڄاڻايل آفيشل ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.

(http://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/)-(http://www.uok.edu.pk)

1. Procurement of Liveries for Security Guards
2. Procurement of Diesel Generator
3. Procurement of Local Papers

شرط ۽ ضابطا:

- هر واڪ سان گڏ ٽوٽل ڪانٽريڪٽ ويليو جي 2 سيڪڙو جي برابر Bid Security هئڻ لازمي آهي جيڪا University of Karachi جي حق ۾ Pay Order جي صورت ۾ Purchase Office ۾ واڪ کولڻ کان اڳ جمع ڪرائڻي هوندي.
- ٽينڊر فيس مبلغ 5000 رپيا (ناقابل واپسي) United Bank Limited جي اڪائونٽ نمبر. 1146-01004234 ۾ University of Karachi جي نالي سان جمع ڪرائڻي هوندي. اصل ڊپازٽ سلپ آن لائين ڊپازٽ رسيد واڪ سان گڏ منسلڪ ڪرڻي هوندي.
- سوٽي رقم ڪانسواءِ ايندڙ آڇن تي غور نہ ڪيو ويندو. آڇ ٽينڊر جي دستاويزن ۾ ڏنل هدايتن مطابق هئڻ گهرجي ۽ لازمي طور تي EPADS جي ذريعي 13-01-2026، صبح 11:30 وڳي تائين ڪرايا وڃن، مقرر وقت ڪانپوءِ وصول ٿيڻ وارا واڪ قابل قبول نہ هوندا. واڪ انهيءَ ڏينهن منجهند 12:00 وڳي کوليا ويندا.
- اگهہ لازمي طور تي حڪومت سنڌ طرفان وقت بوقت لاڳو ڪيا ويندڙ ٽيڪسز/ڊيوٽيز (جيڪڏهن هجن تہ) سان گڏ هئڻ گهرجن. جيڪڏهن ٽينڊر کلڻ واري ڏينهن ڪنهن بہ قسم جي عام/مقامي موڪل ٿي وڃي تہ ڪم جو ورندڙ ڏينهن ساڳئي مقصد لاءِ حتمي ڏينهن تصور ڪيو ويندو.
- يونيورسٽي آف ڪراچي کي اهو اختيار حاصل آهي تہ هو ڪنهن بہ يا سمورن واڪن يا تجويزن کي ڪنهن بہ وقت رد ڪري ڇڏي جيئن تہ SPPRA Rules 2010 تحت.

Purchase Officer
UNIVERSITY OF KARACHI

سنڌ جي تهذيب امن ۽ محبت انسانيات جي ڳالهہ ڪئي آهي: سيد سردار علي شاهہ

پاڪستان نيوي جي انڊر ۾ جيڪي بہ ڪيڊٽ ڪالجز آهن بهترين ڪالجن مان هڪ آهن

ايندڙ بجيٽ ۾ ڪيڊٽ جي تعميراتي اسڪيمن ۾ اضافي رقم جاري ڪري ڪين جلد مڪمل ڪيو ويندو

ڄام نواز علي (نامہ نگار) ڪيڊٽ ڪاليج سانگهڙ جي سالياني 29 هين يوم والدين جي تقريب، مهمان خاص وزير تعليم سيد سردارعلي شاهہ کي ڪيڊٽ جي چاڪ چوبند دستي گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو ... آهي تہ جو اسان وٽ 11کان 12 ڪيڊٽ ڪالجز آهن جن ۾ بہ گرلز ڪيڊٽ ڪالجز آهن جڏهن تہ ملي ۽ بدين ۾ ڪيڊٽ ڪالجن جو ڪم جلد مڪمل ڪيو ويندو پاڪستان نيوي جي انڊر ۾ جيڪي بہ ...

سنڌي ايڊيشن
انچارج: مجيب ناريجو
IBRAT SANSAR
عبرت سنسار
68 Golden Jubilee Year
Ibratsansar@yahoo.com
آچر 21 ڊسمبر 2025ع

عمران خان ۽ بشريٰ بي بيءَ کي قيد جي سزا

فريد احمد

حڪومت ۽ ان جي سرپرستن طرفان ملڪ ۾ سياست ۽ طاقت جو جيڪو واڇوڙو ڦيرايو ويو آهي، انهي ڪرپٽ سياستدانن کي ته موڳو ضرور ڪيو هوندو پر عام ماڻهو جنهن ڪيترائي واقعا ۽ سانحا ڏٺا آهن، جن ۾ ذوالفقار علي ڀٽو کي قيد ڪرڻ، جلاوطنيءَ جي آڇ، ۽ نيٺ ڦاهي جي سزا ڏيڻ يا وري بينظير ڀٽو کي عوام کان پري رکڻ ۽ وطن واپس ورڻ جي صورت ۾ سنگين خطرن جون ڌمڪيون ڏيڻ ۽ نيٺ شهيد ڪرڻ جهڙا وڏا مثال به شامل آهن. ان عام ماڻهوءَ کي هاڻي به خبر آهي ته ملڪ ۾ ڇا ٿي رهيو آهي. مذهب، ملڪ ۽ احتساب جي نالي تي سياست ۽ ملڪ جي عدليه ۾ ڇا وهي واپري رهيو آهي. ان کان وڌيڪ اهو ته واڳ ڌڻين جا ترجمان عدالتي فيصلا اچڻ کان اڳ ئي ڌمڪين ۽ نتيجن جا ڦاٽل بئنر ٽي وي چئنل جي چوراهن تي لڙڪي رهيا آهن. ان ڪري عدالتن مان ڪهڙا به فيصلا اچڻا هجن، گهٽي پاڳي ائين ٿئي ٿو ته ماڻهو اندازو لڳائي وٺن ٿا.

هاڻي به جڏهن اسلام آباد جي هڪ خاص عدالت اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ۽ سندس زال بشريٰ بي بي کي 'توشه خانه ڪيس ٽُو' ۾ مختلف قانوني شقن هيٺ مجموعي طور 17_17 سال قيد جي سزا ٻڌائي آهي ته ماڻهن کي عجب ڪو نه لڳو آهي.

ان سموري مٿئين ٿلهه ٻڌڻ جو مقصد اهو نه آهي ته ڪو عدالت جو هاڻوڪو فيصلو جائز يا ناجائز آهي، پر اها حقيقت آهي ته عدالتن تان ماڻهن جو اعتماد ائين ڪڇي رهيو آهي، جيئن پارلياماني نظام ۽ ووٽن جي اهميت تان ختم ٿي رهيو آهي.

بهرحال! تحريڪ انصاف هن فيصلي کي هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي، جڏهن ته حڪومت فيصلي کي انصاف تي ٻڌل قرار ڏئي رهي آهي. اسپيشل جج سينٽرل شاهه رخ ارجمند اڊيالا جيل اندر توشه خانه ڪيس ٽُو ۾ محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌايو ان مطابق عمران خان ۽ بشريٰ بي بي کي 10_10 سال قيد جي سزا ٻڌائي وئي، ۽ ٻنهي ڄڻن کي پاڪستان جي سزائن واري قانون جي شق 409 هيٺ ڌار 7_7 سال قيد جي سزا پڻ ٻڌائي وئي. جڏهن ته مٿن هڪ ڪروڙ ڇوهٺ لک رپين جو ڏنڊ پڻ وڌو آهي.

ان سزا خلاف عمران خان ۽ بشريٰ بي بي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

اڊيالا جيل جي هڪ آفيسر موجب "عمران خان ۽ بشريٰ بي بيءَ کي عدالت ۾ پيش ڪري فيصلو ٻڌايو ويو." جڏهن ته عمران خان جي قانوني ٽيم جي دعويٰ آهي ته فيصلو وڪيلن ۽ جوابدارن جي غير موجودگيءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي.

جيل جي هڪ آفيسر جو چوڻ آهي ته "جڏهن جج فيصلو ٻڌائي رهيو هو ته عمران خان پنهنجي زال سان عدالت جي ڪمري ۾ موجود هو" جج عمران خان کي ٽي پيرا ڊائس تي اچڻ لاءِ چيو پر هن اچڻ کان انڪار ڪيو ۽ فيصلو ٻڌڻ بدران بشريٰ بي بيءَ سان ڳالهائڻ ۾ مصروف رهيو. جڏهن جج فيصلو ٻڌائي هليو ويو ته عمران خان پڇيو ته 'ڇا فيصلو اچي چڪو آهي؟' جڏهن خان کي ٻڌايو ويو ته ڪيس 17 سال قيد جي سزا ٻڌائي وئي آهي ته هو مرڪندو رهيو. عمران خان جيل ۾ موجود صحافين سان ڪا به ڳالهه ٻولهه نه ڪئي، پراسيڪيوٽر ذوالفقار نقوي، عمران خان جو وڪيل ارشد تبريز به عدالت جي ڪمري ۾ موجود هئا."

شهباز حڪومت 'توشه خانه ٽُو ڪيس' ۾ عدالت جي فيصلي کي وقت جي حڪومتن وانگر انصاف تي ٻڌل قرار ڏنو آهي. هڪ نجي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي سڏسماءَ واري وفاقي وزير عطا تارڙ جو چوڻ هو ته "عمران خان ۽ بشريٰ بي بي ڪروڙين رپين جي تحفي جو ملهه صفا ڪيرائي سرڪاري خزاني ۾ ٿورا پئسا جمع ڪرايا. هن ڪيس ۾ ڪيس مليل سزا '190 ملين پائونڊ ڪيس' واري سزا ختم ٿيڻ کان پوءِ شروع ٿيندي، هڪ پيرو 14 سالن جي سزا (190 ملين پائونڊ ڪيس ۾) ختم ٿيندي پوءِ 17 سالن جي سزا شروع ٿيندي."

'توشه خانه ٽو ڪيس' جي شروعاتي جاچ نيب ڪئي هئي ۽ پوءِ نيب بابت قانون ۾ ترميمن سبب ڪيس ايف آءِ اي ڏانهن منتقل ڪيو ويو. سيپٽمبر 2024ع ۾ ايف آءِ اي جاچ کان پوءِ چالان عدالت ۾ جمع ڪرايو هو. 12 ڊسمبر 2024ع تي فرد جرم لاڳو ٿيو هو ۽ 08 نومبر 2024ع تي جوابدارن جي درخواست تي محفوظ ڪيو ويو هو.

جڏهن ته توشه خانه واري پهرين ڪيس ۾ عدالت عمران خان ۽ بشريٰ بي بيءَ کي بري ڪري ڇڏيو هو. هاڻي جڏهن هي فيصلو اچي چڪو آهي ته عمران خان جي وڪيل سلمان صفدر جو چوڻ آهي ته عمران خان هدايت ڪئي آهي ته فيصلي خلاف سمورا قانوني رستا اختيار ڪيا وڃن. "توشه خانه ون ۽ سائفر ڪيس وانگر، هن ڪيس جي هلٽيءَ ۾ به ڪيتريون ئي خاميون آهن. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ هن فيصلي خلاف اپيل داخل ڪئي ويندي."

سلمان صفدر دعويٰ ڪئي ته عمران خان جي قانوني ٽيم کي گذريل رات ائين وڳي ٻڌايو ويو ته 'توشه خانه ٽو ڪيس' جي ٻڌڻي صبح نائين وڳي اڊيالا ۾ ٿيندي، "خراب موسم ۽ ڪوهيڙي سبب موٽر وي بند هئڻ باوجود اسان تڙ تڪڙ ۾ لاهور کان اڊيالا ته پهتاسين، پر جج جوابدارن ۽ انهن جي وڪيلن جي غير موجودگيءَ ۾ فيصلو ٻڌائي ڇڏيو. جج ڪي اڄ دليل مڪمل ڪرڻا ۽ معاملو اڪلائڻو هو پر جج 59 صفحن جو فيصلو لکي پاڻ سان گڏ آندو."

عمران خان ۽ بشريٰ بي بيءَ تي الزام آهن ته هنن 2021ع ۾ سعودي عرب جي دوري دوران مليل بلگاري (زيورن ۽ خوشبوئن جي حوالي سان جڳ مشهور اطالوي لگزري فيشن هائوس) جي زيورن وارو سيٽ توشه خانه ۾ جمع نه ڪرايو هو. اهو سيٽ وزيراعظم جي زال کي سعودي ولي عهد محمد بن سلمان ڏنو هو. زيورن جي ان سيٽ ۾ هڪ ڪنگڻ، منڊي، هار ۽ جهمڪا پڻ شامل هئا. منڊيءَ ۾ گلابي هيرو جڙيل هو. ڪنگڻ پڻ گلابي هيرن ۽ ٻين جواهرن سان جڙايل هو ۽ هار ۾ به قيمتي موتي ۽ هيرا مڙهيل هئا.

مٿن اهو به الزام آهي ته اختيارن جو غلط استعمال ڪري هڪ نجي فرم کان زيورن جي سيٽ لاءِ 58 لک روپيا مُلهه لڳرائي ۽ رڳو 29 لک روپيا ڏئي مالڪي حاصل ڪئي وئي. جڏهن ته پرڏيهي آفيس ۽ سعودي عرب ۾ پاڪستاني سفارتخاني پاران عدالت ۾ جمع ڪرايل رڪارڊ موجب زيورن واري انهي سيٽ جي اصل قيمت ست ڪروڙ پندرهن لک رپين کان وڌيڪ آهي.

بهرحال توشه خانه 'ٽو ڪيس' توشه خانه 'ون ڪيس' کان مختلف آهي. ان کان اڳ، توشه خانه 'ون ڪيس' ۾ عمران خان ۽ بشرا بي بيءَ کي 14 سال قيد هڪ ارب ستونجاهه ڪروڙ روپيا ڏنڊ وڌو ويو هو گڏوگڏ عمران خان کي عدالت 10 سالن لاءِ نااهل قرار ڏنو هو پر اپريل 2024ع ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ان سزا کي رد ڪري ڇڏيو هو.

هاڻي توشه خانه ون ڪيس جي تازي فيصلي تي جيڪا تنقيد ٿي رهي آهي، ان ۾ فيصلي جي ٻولي به ٽنول جي سبب بڻجي رهي آهي.

جنهن ۾ عمر جي ڪري سزا ۾ نرميءَ جو ذڪر ڪيل آهي. تنقيد ڪندڙ چون ٿا ته "فيصلو پاڻ ڳالهائي ٿو."

سوشل ميڊيا تي صحافي حامد مير جو چوڻ آهي ته "عمران خان ۽ سندس زال کي ڪنهن ٻئي ڪيس ۾ سزا ٻڌائي وئي آهي. عدالت جي فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته عمران خان جي عمر کي نظر ۾ رکندي فيصلو نرم ڪيو ويو آهي. ان تي ڪجهه به چوڻ جي ضرورت ناهي، فيصلو پاڻ ڳالهائي رهيو آهي."

اهڙي طرح ٻين مبصرن فيصلي ۾ عمران خان جي عمر واري حوالي کي عجيب ۽ "نان پروفيشنل" ڪوٺيو آهي.

بهرحال! حڪومت ڇا به سمجهي، عام تاثر اهو جُڙي رهيو آهي ته اهڙن فيصلن سان ماضيءَ جي تاريخ ورجائجي رهي آهي، باقي ڪنهن به اڳواڻ کي اهڙين حرفتن سان سياست کان ٻاهر نٿو ڪري سگهجي. نه ئي ڪنهن جي مقبوليت گهٽائي سگهجي ٿي. اهڙا فيصلا حڪمران لڏي جي خوف تان پردو ڪڻڻ کانسواءِ ڪجهه به ثابت ناهن ٿيندا.





ملاڪاتيار ۾ قائدِ عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو افتتاح

سيد قاسم نويد قمر جي هدايتن تي ملاڪاتيار ڪرڪيٽ گرائونڊ تي رنگا رنگ افتتاحي تقريب

ٽورنامينٽ نوجوانن کي پنهنجين صلاحيتن جي اظهار لاءِ پليٽ فارم فراهم ڪندو: اعجاز شاهه بخاري

ٽورنامينٽ ۾ 18 ٽيمون وٺي رهيون آهن، ٽورنامينٽ جو مقصد نوجوانن کي منفي سرگرمين کان پري رکڻ آهي

ملاڪاتيار (ن ع) ٽنڊومحمدخان ضلعي ڪائونسل طرفان پهريون قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ چيئرمين ضلعي ڪائونسل ٽنڊومحمدخان سيد قاسم نويد قمر جي هدايتن تي ملاڪاتيار ڪرڪيٽ گرائونڊ تي منعقد ڪيو ويو. ٽورنامينٽ جي افتتاحي تقريب نهايت رنگا رنگ ۽ جوش ڀري ماحول ۾ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ علائقي جي معزز شخصيتن سميت وڏي انگ ۾ رانديڪن سان دلچسپي رکندڙ شهرين شرڪت ڪئي. ميچ جو افتتاح ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاهه بخاري ڪيو جڏهن ته درگاهه عاليه ملاڪاتيار جي گادي نشين ميان تاج محمد ميونسپل چيئرمين سيد شاهنواز شاهه بخاري، پيپلز پارٽي يوٿ ونگ جي ضلعي صدر سيد سلال شاهه بخاري، شهزاد بوزدار پڻ تقريب ۾ شريڪ ٿيا. ان موقعي تي مختلف ٽيمن جو تعارف ڪرايو ويو. تقريب دوران ٽورنامينٽ جي آرگنائزر شهزاد بوزدار بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته هن ٽورنامينٽ ۾ مجموعي طور 18 ٽيمون حصو وٺي رهيون آهن ڪامياب ٽيمن کي ڪيش انعامن سان گڏ ونرز ٽرافيون پڻ ڏنيون وينديون، جنهن سان نوجوانن ۾ مقابلي جو صحتمند رجحان وڌندو. ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاهه بخاري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو بنيادي مقصد نوجوانن کي پنهنجين صلاحيتن جي اظهار لاءِ پليٽ فارم فراهم ڪرڻ آهي. هن زور ڏيندي چيو ته رانديون سان نوجوان صحتمند ٿيندا آهن ۽ جيڪڏهن ميدان آباد هوندا ته اسپتالون ويران هونديون. رانديون جي اهميت تي روشني وجهندي هن چيو ته رانديون ذريعي نه صرف جسماني صحت بهتر ٿيندي آهي پر نظم و ضبط، اتحاد ۽ مثبت سوچ پڻ جنم وٺندي آهي. اهڙا ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ نوجوانن کي منفي سرگرمين کان پري رکي کين صحتمند، باصلاحيت ۽ ذميوار شهري بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

ملاڪاتيار شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو ايم پي اي سيد اعجاز شاهه بخاري افتتاح ڪري رهيو آهي

هالا نارڪوٽيڪس پاران ڪارروائي ۾ نان ڪسٽم پيڊ هٽ ڪيل سگريٽن جو ڍيڪ

ميهڙ ۾ پوليس جو وڏي پيماني تي سرچ ۽ ڪومبنگ آپريشن، 7 شڪي گرفتار

ڊي آءِ جي حيدرآباد رينج ۽ ايس ايس پي دادو جي هدايتن تي ميهڙ ۾ حساس علائقن تي سرچ آپريشن ڪيو ويو

هوٽلون، بس اسٽينڊ، رهائشي علائقا ۽ ٻيون شڪي جڳهيون شامل، شڪي ماڻهن جي بائيوميٽرڪ تصديق ڪئي وئي

پوليس جو مقصد ڏوهن جي روڪٿام، عوام جي حفاظت ۽ امن امان برقرار رکڻ، مستقبل ۾ پڻ آپريشن جاري رکڻ جو اعلان

ميهڙ (رپورٽ نعمت الله مهيسر) ميهڙ ۾ پوليس جو سرچ ۽ ڪومبنگ آپريشن، ڪيترن ئي هنڌن تي سرچ، شڪي ماڻهن کي حراست ۾ ورتو ويو ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس حيدرآباد رينج طارق رزاق خان ڌاريجو ۽ ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي جي خاص هدايتن تي ضلعي جي مکيه ڪاروباري شهر ميهڙ ۾ سرچ ۽ ڪومبنگ آپريشن ڪيو ويو سرچ آپريشن جي اڳواڻي ايس ڊي پي او ميهڙ معشوق علي ڪيريو ۽ انچارج ڊسٽرڪٽ انٽيليجنس بيورو ڪئي ميهڙ سرڪل جي سڀني ايس ايڇ اوز عملي، سي آءِ اي ٽيمن ۽ 15 مددگارن سان گڏ سرچ آپريشن ۾ حصو ورتو آپريشن دوران شهر جي مختلف حساس ۽ اهم هنڌن جن ۾ هوٽلون، بس اسٽينڊ، رهائشي علائقا ۽ ٻيون شڪي جڳهيون شامل آهن سرچ آپريشن دوران سرچ ڊيوائس ذريعي شڪي ماڻهن جي بائيوميٽرڪ تصديق ڪئي وئي. سرچ آپريشن دوران 7 شڪي ماڻهن کي وڌيڪ جاچ لاءِ پوليس اسٽيشن منتقل ڪيو ويو سرچ آپريشن جو مقصد ڏوهاري عنصرن جي حوصلا شڪني ڪرڻ ۽ امن امان جي صورتحال کي برقرار رکڻ هو دادو ضلعي پوليس عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت، ڏوهن جي خاتمي ۽ امن امان جي فضا برقرار رکڻ لاءِ هميشه سرگرم آهي ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو جي هدايتن جي روشني ۾ اهڙا سرچ ۽ ڪومبنگ آپريشن مستقبل ۾ به جاري رهندا

ڏگهڙي ۾ "پيغامِ پاڪستان" ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو دلچسپ فائنل

چيئرمين ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي مير ذوالفقار علي ٽالپر مهمانِ خاص طور شرڪت

آل فرينڊ سي سي فاتح، ٽورنامينٽ جي اختتام تي ٽرافي ۽ اعزازي شيلڊون ڏنيون ويون

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي ۾ "پيغامِ پاڪستان" جي عنوان هيٺ منعقد ڪيل ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو دلچسپ فائنل ميچ آل فرينڊ ڪرڪيٽ ڪلب کٽي ورتو جنهن ۾ چيئرمين ٽائون ڪاميٽي ڏگهڙي مير ذوالفقار علي ٽالپر مهمانِ خاص طور شرڪت ڪئي. تفصيل موجب ڏگهڙي ۾ "پيغامِ پاڪستان" جي عنوان هيٺ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ منعقد ڪيو ويو جنهن جو فائنل ميچ انتهائي دلچسپ مقابلي کان پوءِ آل فرينڊ سي سي پنهنجي نالي ڪيو. فائنل ميچ ۾ چيئرمين ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي مير ذوالفقار علي ٽالپر مهمانِ خاص هئا، جڏهن ته ٻين مهمانن ۾ شفيق آرائين، ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر الياس جت، محمد آصف بنديشه ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. ان موقعي تي چيئرمين مير ذوالفقار علي ٽالپر خطاب ڪندي چيو ته "پيغامِ پاڪستان" جي عنوان سان منعقد ڪيل هن ٽورنامينٽ رانديڪن جي ميدانن جي رونق بحال ڪري ڇڏي آهي. ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي ميدانن جي بحالي لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي ڇاڪاڻ ته جڏهن ميدان آباد ٿيندا ته هڪ صحتمند معاشرو وجود ۾ ايندو آهي. فائنل ميچ جي اختتام تي چيئرمين مير ذوالفقار علي ٽالپر ونر ٽيم جي ڪپتان کي ونرز ٽرافي پيش ڪئي، جڏهن ته ٽورنامينٽ جي منتظمين کي به اعزازي شيلڊون ڏنيون ويون.

ڏگهڙي: چيئرمين ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي مير ذوالفقار ٽالپر ٽورنامنٽ جي ونر ٽيم جي ڪپتان کي ٽرافي ڏئي رهيو آهي

زرداري اتحاد پاڪستان جي مرڪزي صدر جو ضلعي دادو جو دورو

ايڊووڪيٽ خان زرداري عوامي رابطا مهم دوران دادو پهچي بنيادي مسئلن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي

چانهه پارٽي دوران اڳواڻن ۽ سائين زرداري اتحاد جي قيادت تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪيو

راڌڻ (ن ع) زرداري اتحاد پاڪستان جي مرڪزي صدر جونيئر غلام قادر عرف ايڊووڪيٽ خان زرداري عوامي رابطا مهم جي سلسلي ۾ ۽ زرداري برادري کي متحده ڪرڻ ۽ سنڌن بنيادي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ دادو ضلع جي اڳواڻن رئيس امير علي زرداري ۽ ڳوٺ ڄام زرداري جي چڱي مڙس سرائي طالب حسين زرداري سان گڏ دادو ضلع جو دورو ڪيو ان دوران هو ڪڪڙ شهر پهتا ته سنڌن پرجوش استقبال ڪيو ويو ۽ مٿس گل پاشي ڪئي ڪڪڙ ۾ هنن رفيق زرداري قيوم زرداري محمد حسن زرداري آصف علي زرداري نعيم علي زرداري بهادر علي زرداري ۽ ڪاشف علي زرداري جي طرفان ڏنل چانهه پارٽي ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اسد شوڪت زرداري مجاهد علي زرداري مقصود علي زرداري ۽ مجيد علي زرداري پڻ موجود هئا سڀني مهمانن ايڊووڪيٽ خان زرداري صاحب جو ٿورو آدرياءُ ڪيو ۽ ملاقات خوشگوار ماحول ۾ ٿي چانهه پارٽي دوران زرداري اتحاد پاڪستان جي مقصدن منشور ۽ مستقبل جي سياسي حڪمت عملي تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي تي موجود اڳواڻن ۽ سائين ايڊووڪيٽ خان زرداري صاحب جي قيادت تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪندي زرداري اتحاد پاڪستان ۾ باضابطا شموليت جو اعلان ڪيو آخر ۾ سڀني شرڪت ڪندڙن زرداري اتحاد پاڪستان کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ عوامي مسئلن جي حل ۽ علائقي جي ڀلائي لاءِ گڏجي جدوجهد ڪرڻ جو عزم ورجايو ان کان پوءِ زرداري اتحاد پاڪستان جي صدر جونيئر غلام قادر عرف ايڊووڪيٽ خان زرداري سائين سان گڏ دادو پهچي انجنيئر محمد جمن زرداري ۽ ڊاڪٽر آصف علي جمن زرداري جي بنگلي تي پهتا ته اتي به سندس پرجوش استقبال ڪيو ويو ۽ سندس مان ۾ چانهه پارٽي جو اهتمام ڪيو ويو ان موقعي تي امير علي زرداري، سرائي طالب حسين زرداري غلام عباس زرداري اسد شوڪت زرداري مجاهد علي زرداري مقصود علي زرداري ۽ مجيد علي زرداري پڻ موجود هئا سڀني مهمانن صدر ايڊووڪيٽ غلام قادر عرف خان زرداري جي قيادت ۽ زرداري اتحاد پاڪستان تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪيو چانهه پارٽي دوران ملڪي ۽ علائقائي سياسي حالتن عوامي مسئلن ۽ زرداري اتحاد پاڪستان جي مستقبل جي حڪمت عملي تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ اتي موجود سڀني اڳواڻن ۽ سائين گڏجي زرداري اتحاد پاڪستان ۾ باضابطا شموليت جو اعلان ڪيو ۽ پارٽي کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪردار ادا ڪرڻ جي خاطري پڻ ڪرائي ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن چيو ته زرداري اتحاد پاڪستان عوامي حقن جي حفاظت سماجي ڀلائي ۽ علائقي جي ترقي لاءِ جدوجهد جاري رکندي ۽ زرداري برادري سان گڏ ٻين نظرانداز ڪيل برادرين جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ پڻ ڪاوشون ڪندي

مسوپرگڙهي ۾ پرائمري اسڪول ۾ ثقافتي جشن، شاگردن ۽ استادن پاران سنڌ ڌرتي کي ڀيٽا پيش

گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪريم بخش وگهيو ۾ ڌرتي جو ڏهاڙو ڌوم ڌام سان ملهايو ويو

شاگردن ۽ استادن ثقافتي گيتن تي رقص ڪندي سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت سان محبت جو اظهار ڪيو

ثقافتي پروگرام دوران فوڪل پرسن ۽ معزز مهمانن سنڌي قوم جي زنده دلي ۽ تاريخ بابت اهم پيغام ڏنو

مسوپرگڙهي (ن ع) مسوپرگڙهي لڳ گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪريم بخش وگهيو ۾ ثقافتي جشن، شاگردن ۽ استادن پاران ڌرتي جو ڏهاڙو ملهايو استادن ۽ شاگردن ثقافتي گيتن تي رقص ڪري سنڌ ڌرتي کي ڀيٽا پيش ڪئي تفصيل موجب مسوپرگڙهي لڳ ڳوٺ ڪريم بخش وگهيو جي پرائمري اسڪول جي استادن ۽ شاگردن ثقافتي جشن ملهائي سنڌ ڌرتي سان محبت جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي فوڪل پرسن بيٽ مسو محمد جمن ملاح، سائين امداد لنڊ، ذوالفقار وگهيو ممتاز وگهيو ۽ ٻين ثقافتي جشن ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي تاريخ هزارين سال پراڻي آهي، هي جشن ملهائي شاگردن کي سنڌ جي تاريخ بابت ڄاڻ ڏني وئي آهي، محمد جمن ملاح چيو ته اسان ثقافتي جشن کي ملهائي اهو ثبوت ڏنو ته سنڌي قوم زنده قوم آهي. ۽ سنڌ صدين کان قائم ۽ دائم رهندي. تقريب ۾ اعجاز علي لغاري، امتياز علي وگهيو معشوق علي وگهيو لال بخش وگهيو ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

ميهڙ ۾ جماعت اصلاح المسلمين ضلع دادو زون ٽو جي برانچ جا نوان عهديدار چونڊيا ويا

ميهڙ (ن ع) جماعت اصلاح المسلمين ضلع دادو زون ٽو جي برانچ انب مگسي جي سال 2026 جي سليڪشن ڪئي وئي جيڪا ضلع جي آبزر طرفان ڪئي وئي سليڪشن جي دوران برانچ صدر، فنانس سيڪريٽري ۽ پريس سيڪريٽري پنهنجي پنهنجي رپورٽ پيش ڪئي ان سان گڏو گڏ برانچ جي سرپرست جي مشاورت سان هيٺيان عهديدار چونڊيا ويا صدر محمد صديق مگسي، نائب صدر قطب الدين مگسي، جنرل سيڪريٽري امام الدين مگسي، جوائنٽ سيڪريٽري نذير علي مگسي، پريس سيڪريٽري محمد علي مگسي، فنانس سيڪريٽري عبدالغفار مگسي، اطلاعات سيڪريٽري تصور حسين مگسي، آفيس سيڪريٽري وڪيل احمد مگسي، لائبريري انچارج مولانا خليل احمد مگسي، معاون صدر عبيدالله مگسي، معاون جنرل سيڪريٽري محمد عارف مگسي معاون پريس سيڪريٽري ...

ڏگهڙي ۾ پاڻي جي غير منصفاڻي فراهمي خلاف عدالت ۾ درخواست داخل

ايڊووڪيٽ وسيم احمد خان قائمخاني عدالت ۾ آرٽيڪل 133 تحت درخواست داخل ڪرائي

پاڻي جي فراهمي ۾ شفافيت جي کوٽ سبب شهرين ۽ آبادگارن کي ڏکيائيون اچن ٿيون: درخواستگذار

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي ۾ پيئڻ ۽ زرعي پاڻي جي غير منصفاڻي تقسيم ۽ بنا اعلان ڪيل فراهمي خلاف تعلقه بار ايسوسيئيشن ڏگهڙي جي صدر ايڊووڪيٽ وسيم احمد خان قائمخاني سول جج ۽ جوڊيشل مجسٽريٽ ڏگهڙي جي عدالت ۾ آرٽيڪل 133 تحت درخواست داخل ڪرائي ڇڏي آهي جنهن ۾ ايس ڊي او ايريگيشن سب ڊويزن ڏگهڙي، ٽائون آفيسر ٽائون ڪاميٽي ڏگهڙي ۽ ٽائون آفيسر ٽائون ڪاميٽي ٽنڊوجان محمد کي فريق بڻايو ويو آهي. درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته ڪافي عرصي کان پاڻي جي فراهمي بابت نه ڪو واضح شيڊول ۽ نه ئي روٽيشن پلان جاري ڪيو ويو رهي، جنهن سبب شهرين ۽ آبادگارن کي سخت ڏکين حالتن، امتيازي سلوڪ ۽ غير يقيني صورتحال کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، جيڪو عوامي صحت، صفائي ستٿرائي ۽ زراعت تي خراب اثر وجهي رهيو آهي. درخواستگذار عدالت کان استدعا ڪئي آهي ته فريقين کي پابند ڪيو وڃي ته هو پيئڻ ۽ آبپاشي جي پاڻي جي فراهمي جو مڪمل شيڊول عوامي طور تي جاري ڪن ۽ ان تي سختي سان عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي، جڏهن ته بيا مناسب حڪم پڻ جاري ڪيا وڃن.

پٿورو گورنمنٽ بوائزهائير سيڪنڊري اسڪول ۾ ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان رنگارنگ تقريب

پٿورو (ن . ع) پٿورو گورنمنٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول پٿورو ۾ ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان رنگارنگ تقريب ٿي گذري، پرنسپل تاراچند تارل جي ميزباني ۾ تقريب ۾ محمدموسي ٿهڙي غلام محمد ٿهڙي محمدرمضان سومرو غلامرسول ٿهڙي ڪلديپ ڪمار شمس راڄڙ سميت استادن ۽ سوين شاگردن شرڪت ڪئي. تقريب شاگردن پاران ايڪتا ڏهاڙي جي حولي سان تقريرون ٽيبلوز ۽ قومي گيت پيش ڪيا ويا

مٺي: پروفيسر چمن لال جي رٽائرمينٽ تي کيس الوداعي پارٽيون ڏنيون وئي

مونوٽيڪنيڪل ڪاليج مٺي ۾ پروفيسر چمن لال ڏاماڻي جي رٽائرمينٽ تي الوداعي تقريب

ڪاليج عملي، پرنسپل پروفيسر عبدالغفار جوٽيجو ۽ ٻين پاران سندس علمي ۽ تعليمي خدمتن کي ساراهيو ويو

تقريب دوران پروفيسر ڏاماڻي کي گلدستا پيش ڪيون ويون ۽ خدمتن تي اعزاز جو اظهار ڪيو ويو

مٺي (ڊ ر) مونوٽيڪنيڪل ڪاليج مٺي جي 19 گريڊ مان رٽائرڊ ٿيندڙ پروفيسر چمن لال ڏاماڻي جي رٽائرمينٽ جي موقعي تي سندس مان ۾ هڪ الوداعي تقريب مونوٽيڪنيڪل ڪاليج مٺي جي عملي پاران ٿي گذري جنهن ۾ ڪاليج جي پرنسپل پروفيسر عبدالغفار جوٽيجو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ۽ چمن لال ڏاماڻي جي خدمتن کي ساراهيو ويو. ٻي پاسي ڳوٺ مالڻهور ويڙهه ۾ ڊاڪٽر هوت ۽ ڏاماڻي پريوار پاران به الوداعي تقريب ڪرائي وئي جنهن ۾ انجنيئر گيان چند ٿاراڻي، عبدالغفار جوٽيجو پروفيسر گووند مينگهواڙ اڳوڻو ڊي او پريم مينگهواڙ سمير ٿاراڻي، صحافي نندلال لوهاڻو نانڪرام مينگهواڙ پيرومل ۽ ٻين شرڪت ڪئي کيس گلدستا پيش ڪيون ويون.

ڀٽ شاهه صوفي ازم اينڊ ماڊرن سائنسز يونيورسٽي ۾ نئون وائيس چانسلر مقرر

اربيلا ڀٽو کان اضافي چارج واپس

هالا (ن ع) ڀٽ شاهه صوفي ازم اينڊ ماڊرن سائنسز يونيورسٽي کي نئون وائيس چانسلر مقرر، بااثر رسوخي تحت ايڪسٽينشن وٺي اضافي چارج رکندڙ اربيلا ڀٽو کان اضافي چارج واپس، سول سوسائٽي ۾ خوشي جي لهر مبينه ڪرپشن ڪندڙ يونيورسٽي جي ٽيچرس ۽ نياڻين کي حراسان ڪندڙن خلاف سول سوسائٽي پاران نئين وي سي ۽ بالا حڪام کان ڪاروائي جو مطالبو، عبرت جي خبر تي ڪاروائي عبرت جي خبر تي وزيراعليٰ سنڌ جي حڪمن تي سيڪريٽري يونيورسٽيز سنڌ نوٽيفڪيشن نمبر 20-49/2528 ...

ڪوٽ غلام محمد ۾ افغاني پٺاڻن پاران مقامي نوجوان تي حملو، احتجاج

رياض احمد مسرخيل جتي جا پئسا گهريا ته افغاني پٺاڻن تشدد ڪيو

پوليس حملا آورن کي گرفتار ڪرڻ بعد آزاد ڪري ڇڏيو انصاف ڪيو وڃي: رياض احمد

ڪوٽ غلام محمد (ٽ ر) ڪوٽ غلام محمد ۾ جتيون وڪرو ڪري روزگار ڪندڙ مقامي پٺاڻ نوجوان رياض احمد مسرخيل تي جتي جا پئسا گهرڻ تان افغاني پٺاڻن پاران تشدد ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ هو سخت زخمي ٿي پيو. متاثر نوجوان موجب حملي بعد هو ٿاڻي پهتو ۽ اطلاع ڏنو پر پوليس مختصر وقت لاءِ مبينا حملا آور افغاني پٺاڻن کي گرفتار ڪرڻ بعد آزاد ڪري ڇڏيو. پوليس جي مبينا لاپرواهي خلاف زخمي نوجوان رياض احمد مسرخيل پريس ڪلب ڪوٽ غلام محمد پهچي احتجاج ڪيو. هن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته هو گذريل 35 سالن کان اسان هتي رهندي ايمانداري سان روزگار ڪري رهيو آهي، پر جتي جا پئسا گهرڻ تان بيگناهه مٿس حملو ڪري زخمي ڪيو ويو. هن چيو ته حملا آور افغاني پٺاڻ غيرقانوني طور هتي رهندڙ آهن جڏهن ته حڪومت طرفان ملڪ ڀر ۾ اهڙن ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي، پر ڪوٽ غلام محمد غيرقانوني ترسيل افغاني پٺاڻن کي ڇوٽ ڏني وئي آهي. متاثر نوجوان حڪومت پاڪستان، حڪومت سنڌ ۽ آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي ته حملا ڪندڙ افغاني پٺاڻن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪري کيس تحفظ فراهم ڪيو وڃي. ذريعن کان خبر پئي آهي ته ڪوٽ غلام محمد شهر ڪوٽ ضلعي ۾ افغاني پٺاڻ غيرقانوني طور ترسيل آهن جيڪا پوليس ۽ انتظاميه تي سواليه نشان آهي

ڪلوئي ۾ ٿرپارڪر ميڊيا سينٽر جي نئين آفيس جو افتتاح

ضلعي چيئرمين غلام حيدر سميجو ميڊيا سينٽر جي آفيس جو افتتاح ڪيو

ٿرپارڪر ميڊيا سينٽر هميشه ٿر جي مظلوم عوام جي مسئلن کي اجاگر ڪيو آهي: چيئرمين

ڪلوئي (ن ع) ڪلوئي ٿرپارڪر ميڊيا سينٽر جي نئين آفيس جو افتتاح ٿرپارڪر ضلعي ڪائونسل جي چيئرمين غلام حيدر سميجو سول سوسائٽي سان گڏ ڪري ڇڏيو آهي ان موقعي تي ضلعي ڪائونسل جي چيئرمين غلام حيدر سميجو تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ٿرپارڪر ميڊيا سينٽر هميشه ٿر جي مظلوم عوام جو ڪيس ملڪي ميڊيا ۾ اٿاريو آهي سنڌن قلمي ... پيپلزپارٽي هميشه صحافي جي هر اشو تي ڪيل رپورٽنگ کي ڊسٽرڪٽ عوام جا جائز بنيادي مسئلا حل ڪيا آهن. هن چيو ته اسان چاهيون ٿا ته عوام جي هر اشو تي ميڊيا رپورٽ ڪري ته جيئن عوام کي انصاف فراهم ڪري سگهون. هن چيو ته اسان جو تعاون ميڊيا جي دوستن سان جاري رهندو ۽ اهي به ٿر جي عوام جو حقيقي معنيٰ ۾ آواز بڻجن. آيل مهمانن کي ...

عباسي برادري جي اتحاد ۽ انسانيت جي خدمت لاءِ هر وسيلو ڪتب آڻينداسين: رفيق عباسي

عباسي برادري جي اتحاد، يڪجهتي ۽ مسئلن جي حل لاءِ بي لوث خدمت جاري رکنداسين

انسانيت جي خدمت سان مالڪ ڪائنات جي قربت حاصل ٿئي ٿي، ۽ اسان انهيءَ جذبي سان خدمت جاري رکنداسين

هالا (ن ع) عباسي برادري جو ملڪ جي تعمير وترقي جي لاءِ اهم ڪردار آهي، انجي اتحاد ۽ يڪجهتي ۽ تمام مسئلن جي حل لاءِ تمام وسيلا ڪتب آڻي بي لوث خدمت ڪنداسين: سردار رفيق عباسي. عباسي برادري جي عالمي تنظيم متحده اتحاد عباسيه انٽرنيشنل جي نومنتخب چيئرمين سردار رفيق عباسي هالا ۾ ميڊيا ... مسئلن جي حل لاءِ سڀني وسيلن کي ڪتب آڻي بي لوث خدمت ڪئي ويندي، سردار رفيق عباسي چيو ته انشاءالله عباسي برادري سان گڏوگڏ انسانيت جي خدمت کي اوليت ۽ ترجيح ڏني ويندي هن چيو ته عباسي برادري پاران مٿس اعتماد ڪري چونڊڻ تي دنيا ڀر جي عباسي برادري جو دل جي گهرائي سان ٿورائتو آهيان ...

مٺي لڳ 40 سالن جي شخص خودڪشي ڪري زندگي جو خاتمو آڻي ڇڏيو

[illegible] شهيد لانس نائيڪ عبدالحڪيم ليبر جي ڳوٺ ۾ قومي اعزاز سان تدفين

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پليولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 21 ڊسمبر 2025ع

توشہ خانہ ٽُو ڪيس ۽ عمران خان کي مليل سزا

اسلام آباد جي عدالت توشا خانا ٽُو ڪيس ۾ پي ٽي آءِ باني عمران خان ۽ سندس گهرواري بشريٰ بي بيءَ کي سترنهن سترنهن سال قيد جي سزا ٻڌائي وئي. اسپيشل جج سينٽرل ارجمند شاهه پاران اڊيالا جيل ۾ عمران خان ۽ بشريٰ بي بيءَ جي موجودگيءَ ۾ توشا خانا ٽُو ڪيس جو فيصلو ٻڌايو ويو جڏهن ته عمران خان ۽ بشريٰ بي بيءَ جي وڪيلن مان ڪو به عدالت نه پهتو. عمران خان ۽ بشريٰ بي بيءَ کي گڏيل طور تي 17 سال سزا ٻڌائي وئي. ان کان علاوه عدالت عمران خان ۽ بشريٰ بي بيءَ کي هڪ ڪروڙ 64 لک روپيا ڏنڊ جي سزا پڻ ٻڌائي آهي. توشا خان ٽُو ڪيس جي شروعاتي جاچ نيب ڪئي هئي ۽ نيب ترميمن جي روشنيءَ ۾ جاچايل ڪيس ايف آءِ اي ڏانهن موڪليو ويو هو. سيپٽمبر 2024ع ۾ ايف آءِ اي جاچ ڪانپوءِ چالان عدالت ۾ جمع ڪرايو هو. توشا خانا جي هڪ ٻئي ڪيس ۾ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ۽ سندس گهرواري بشريٰ بي بيءَ تي 12 ڊسمبر 2024ع تي فردِ جرم لاڳو ڪيو ويو هو.

پي ٽي آءِ باني ۽ اڳوڻو وزيراعظم عمران خان ۽ سندس گهرواري بشريٰ بي بيءَ ٻڌايل سزا کي سياسي ۽ عدالتي تاريخ ۾ هڪ اهم موڙ طور ڏٺو پيو وڃي. عدالتي فيصلو رڳو هڪ ڪيس تائين محدود ناهي رهيو پر اهو احتساب، قانون جي بالادستي ۽ سياسي نظام بابت ڪيترن ئي بنيادي سوالن کي جنم ڏئي ٿو. عمران خان ۽ بشريٰ بي بي ڪيس جي شروعاتي ٻڌڻين دوران ئي الزامن کي رد ڪندي ڪيس کي سياسي قرار ڏيندا رهيا آهن. سندن موقف آهي ته ڪيس جو مقصد عمران خان کي سياست مان نااهل ڪرڻ ۽ پارٽيءَ (پي ٽي آءِ) کي ڪمزور ڪرڻ آهي. جڏهن ته اڳوڻو وزيراعظم عمران خان اڳ ئي 190 ملين پائونڊ واري ڪيس ۾ مليل 14 سال سزا ڪاٽي رهيو آهي. ان کان علاوه 9 مئي 2023ع جي واقعن بابت داخل ڪيل ڪيس به عدالتن ۾ ٻڌڻيءَ هيٺ آهن. اهڙي ماحول ۾ هڪ ٻئي پٺيان ايندڙ سخت فيصلا سياسي ماحول کي وڌيڪ ڇڪتاڻ ڏانهن ڌڪي رهيا آهن.

ٻئي طرف رياستي ۽ قانوني ماهرن جو موقف آهي ته احتساب کان مٿانهون ڪوبه ناهي ۽ جيڪڏهن الزام ثابت ٿين ته سزا ملڻ لازمي آهي. توشہ خانہ جهڙن معاملن ۾ شفافيت انتهائي ضروري سمجهي وڃي ٿي ڇو ته سرڪاري عهدن تي ويٺل ماڻهن کي مليل تحفا قومي امانت تصور ڪيا ويندا آهن. جيڪڏهن اهڙن معاملن ۾ نرمي ڪئي وڃي ٿي ته اهو عوامي اعتماد کي نقصان پهچائڻ جو سبب بڻجندو پر هتي هڪڙو سوال اڀري ٿو ته ڇا پاڪستان ۾ احتساب سڀني لاءِ هڪجهڙو آهي؟ ماضي گواهه آهي ته احتساب گهڻو ڪري سياسي تاڻن سان جُڙيل رهيو آهي. جنهن سبب عوام جو اعتماد ڪمزور ٿيندو رهيو آهي. جيڪڏهن احتساب واقعي شفاف ۽ ادارن کان مٿانهون هجي ته پوءِ اهڙا فيصلا قوم لاءِ مثال بڻجي سگهن ٿا. ٻي صورت ۾ اهي رڳو سياسي اختلافن کي وڌيڪ گهرو ڪندا.

توشہ خانہ ٽُو ڪيس جو فيصلو ملڪ ۾ قانون ۽ سياست جي لاڳاپي تي نئين سر سوچڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿو. پاڪستان هن وقت معاشي دٻاءَ، سياسي عدمِ استحڪام ۽ سماجي بيچينيءَ مان گذري رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ ضروري آهي ته عدالتي فيصلا رڳو قانوني طور صحيح نه پر عوامي اعتماد بحال ڪرڻ جو ذريعو پڻ بڻجن. بهرحال وقت اهو فيصلو ڪندو ته ڇاڪاڻ ڪيس ۽ سزا قانون جي بالادستيءَ جي علامت بڻجندا يا ماضيءَ واري احتساب جي تڪراري تاريخ ۾ نئون باب بڻجندا. عوام سمجهي ٿو ته پي ٽي آءِ جي باني عمران خان ۽ هن جي گهرواريءَ بشريٰ بي بيءَ کي مليل سزا پاڪستان جهڙي ترقي پذير ملڪ ۾ سياستدانن جي احتساب جي شروعاتي جهلڪ آهي. بهرحال سزا تي ڪيترو عمل ٿئي ٿو اهو ته ايندڙ وقت ئي ثابت ڪندو.

لطيفي لات — شاهه عبداللطيف ڀٽائي

انڌا اُونڌا ويچَ! ڪَل ڪُچاڙيا ڪانئِين؟
اسان ڏُکي ڏِيل ۾، تون پيارِئين پيچَ؟
سُوري جنِين سيجَ، مرڻ تي مُشاهدو.
(سُر ڪلياڻ)

’نفرت جو نتيجو؟‘

افضال ريحان

آسٽريليا جي شهر سڊني جي بونڊائي ساحل تي يهودين جي خلاف ٿيندڙ دهشتگردي ۾ ملوث انڊين شهري ساجد اڪرام ۽ سندس پٽ نويد اڪرام جي ڪنهن دهشتگرد نيٽورڪ سان تعلقات جي جاچ ڪئي پئي وڃي. انڊين پوليس موجب، ساجد اڪرام جو تعلق انڊيا جي رياست تلنگانا جي شهر حيدرآباد دکن سان هو ۽ هُو 27 سال اڳ اسٽڊي ويزا تي آسٽريليا منتقل ٿيو هو. ايتري ڊگهي عرصي کان.. ساجد اڪرام پنهنجي خاندان سان صرف ڇهه ڀيرا مليو ۽ پنهنجي والد جي موت تي به نه آيو تنهن ڪري خاندان کي سندس انتها پسندانہ سوچن ۽ خيالن جو ڪو به علم نه هو. آسٽريليا جي وزيراعظم انٿوني البانيس چيو آهي ته، ’اسان کي اهڙا مضبوط ثبوت مليا آهن جيڪي ظاهر ڪن ٿا ته هي والد ۽ پٽ داعش جي سوچ کان متاثر ٿي انتها پسند بڻجي ويا آهن. اسان سڊني ۾ يهودين تي ٿيل هن دهشتگرديءَ کي آسٽريليا ۽ آسٽريليا جي قومي اتحاد تي حملو سمجهون ٿا. تنهنڪري سڊني جي حادثي ڪانپوءِ آسٽريليا ۾ يهود دشمني، انتها پسندي ۽ دهشتگردي خلاف هڪ ٽاسڪ فورس قائم ڪئي وئي آهي.‘ ان کان علاوه، اسرائيل جي خاص سپورٽ ٽيم به سڊني پهچي وئي آهي. آسٽريليا جي تحقيقاتي ذريعن موجب، ٻنهي انتها پسندن نومبر جو مهينو فلپائن ۾ گذاريو جتي آسٽريليا ۾ بونڊائي ساحل تي يهودين تي دهشتگردي ڪندڙن. ساجد اڪرام ۽ سندس پٽ نويد اڪرام بابت جاچ جاري آهي ته انهن جو ڪنهن دهشتگرد نيٽورڪ سان تعلق آهي يا نه. انهن کي عسڪري تربيت ملي هئي ۽ جاچ ڪئي پئي وڃي ته اهي کهڙن هنڌن تي رهيا. فلپائن جي ذريعن موجب، ساجد اڪرام انڊين پاسپورٽ ۽ نويد اڪرام آسٽريلوي پاسپورٽ تي فلپائن ويو هو. واضح رهي ته 14 ڊسمبر جي شام سڊني جي بونڊائي بيچ تي انهن ٻنهي شخصن تقريباً هزار يهودين تي فائرنگ شروع ڪئي، جڏهن اهي حنوڪا جي تقريب ۾ مصروف هئا. هن حملي ۾ 15 يهودي مارجي ويا ۽ تقريباً 41 زخمي ٿيا. جڏهن حملو جاري هو، ته هڪ شامي جائي آسٽريلوي شهري احمد الاحمد پنهنجو پاڻ کي خطري ۾ وجهي ساجد اڪرام کي قابو ڪيو ۽ سندس هٿن مان بندوق کسي. ان دوران احمد الاحمد نويد اڪرام جي فائرنگ سان زخمي ٿيو. تحقيقي طور خوشي جي ڳالهه اها آهي ته نويد اڪرام کي زنده گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ هُو هاڻي هوش ۾ آهي، جنهن سان سندس منصوبابندي ۽ رابطن جا تفصيل معلوم ٿي سگهندا. سڊني جو بهادر احمد الاحمد به تيزي سان صحتياب ٿي رهيو آهي ۽ دنيا ۾ امن، سلامتي ۽ انسانيت تي يقين رکندڙ ماڻهو هن جي بهادري جي تعريف ڪري رهيا آهن. احمد الاحمد عظيم بهادري ڏيکاري ۽ پنهنجن دوستن کي چيو ته ’جيڪڏهن مان دهشتگرد کي قابو ڪندي مارجي وڃان، ته منهنجي ڏيئڻ جو خيال رکجو.‘ جيڪڏهن هن بهادر انسان وقت تي اهڙي همت نه ڏيکاري، ته فائرنگ ۾ وڌيڪ ماڻهو مارجي وڃن ها. اڄ پاڪستان ۾ به احمد الاحمد جي بهادري جا گيت ڳايا پيا وڃن. ان پس منظر ۾، تجويز آهي ته حڪومتِ پاڪستان هن سچي ۽ بهادر انسان جي عزت افزائي لاءِ ان کي نشان پاڪستان ڏئي، جنهن سان پاڪستان جو سافٽ اميج عالمي سطح تي روشن ٿيندو. جيئن آسٽريليا جي وزيراعظم هن قومي هيرو سان ملاقات ڪري حوصلا افزائي ڪئي، اٿين ٻين مسلم حڪومتن کي به ڪرڻ گهرجن ته ماڻهن ۾ اهو تاثر نه پيدا ٿئي ته پاڪستان دهشتگردن جي حمايت ڪري ٿو.

آسٽريليا ۾ پهرين سمجهيو ويو ته دهشتگردن جو تعلق پاڪستان سان آهي، جنهن سبب پاڪستاني ۽ انڊين ميڊيا ۾ هڪ ’سرد جنگ‘ شروع ٿي، جيڪا سارا جوڳي نه آهي. صحيح آهي، اهو شخص پاڪستاني مسلمان نه هو پر مسلمان ضرور هو. انڊين مسلمان به هن معاملي ۾ اڳ ۾ ئي دٻاءَ هيٺ آهن ۽ جڏهن ثابت ٿيو ته دهشتگرد جو تعلق انڊيا جي حيدرآباد دکن جي مسلمان گهراڻي سان آهي، ته انڊين مسلم ڪميونٽي لاءِ وڌيڪ مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا. ٻئي طرف، ڇا اسان انڪار ڪري سگهون ٿا ته اسان جي اندر به اهڙا عناصر موجود نه آهن؟ اڄ اسان جي مغربي سرحدن تي جيڪو طالبان جهڙو فتنو آهي، ان جا ذميوار ڪير هئا؟ جڏهن به اسان جي قوم مان ڪجهه ماڻهو گمراهه ٿي وڃن، ته ان جو مطلب اهو ناهي ته سچي قوم کي الزام ڏنو وڃي. فخر سان چئي سگهجي ٿو ته جيڪڏهن دهشتگرد مسلمان هئا، ته …

فيشن انڊسٽري ۽ برآمدات

ڪاشف اشفاق

پاڪستان جي برآمدات ۾ سڀ کان وڏو حصو ٽيڪسٽائيل شعبي جو آهي، پر هن شعبي کي هن وقت وري به ڪيترن ئي مسئلن ۽ ڏکين حالتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، جنهن ڪري اِهو هڪ ڀيرو ٻيهر بحران ۾ ڦاسي ويو آهي. ٽيڪسٽائيل جي برآمد ڪندڙن جو چوڻ آهي ته ڪين به علائقي جي ٻين ملڪن وانگر سستي بجلي، گيس ۽ آسان شرطن تي قرض ڏنا وڃن، ڇو ته هتي آهي شيون تمام مهانگيون آهن. ساڳئي وقت هڪ ٻي اهم حقيقت به آهي ته پاڪستان جو ٽيڪسٽائيل شعبو ’ويليو ايڊيشن‘ يعني ڪپڙي کي وڌيڪ جديد، معياري ۽ مهانگي پراڊڪٽ ۾ تبديل ڪرڻ واري ڪم ۾ پنهنجن مقابلي وارن ملڪن کان گهڻو پوئتي رهجي ويو آهي، جنهن سبب عالمي مارڪيٽ ۾ پاڪستاني ٽيڪسٽائيل جي مقابلي جي سگهه ڪمزور ٿي رهي آهي. اسان جي سامهون مثال طور بنگلاديش، ويٽنام ۽ ڪيمبوڊيا جهڙا ملڪ آهن جن پنهنجي ٽيڪسٽائيل شعبي ۾ ’ويليو ايڊيشن‘ يعني ڪپڙي کي وڌيڪ جديد، معياري ۽ قيمتي شين ۾ تبديل ڪرڻ تي سيڙپڪاري ڪئي ۽ نتيجي طور عالمي مارڪيٽ ۾ انهن جي برآمدات جو حصو گهڻو وڌي ويو. ان کان علاوه، هتي اڪثر اهو مسئلو نظرانداز ڪيو ويندو آهي ته اسان وٽ کهڙن شعبن ۾ اڳتي وڌي برآمدات وڌائڻ جا وسيع موقعا موجود آهن. هڪ اهم ڳالهه اها به آهي ته ٽيڪسٽائيل شعبي ۾ پاڪستان وٽ گهڻو تجربو، ماهر ۽ هُنرمند ڪاريگر موجود آهن، جنهن ڪري اسان کي فيشن انڊسٽري کي وڌائڻ ذريعي برآمدات ۾ وڏي واڌ جو موقعو آهي پر افسوس، مناسب مارڪيٽنگ، تحقيق ۽ ترقي (R&D) ۾ سيڙپڪاري نه ڪرڻ سبب، اسان انهن موجود موقعن مان صحيح فائدو نٿا وٺي سگهون. ان صورتحال کي نظر ۾ رکندي، وفاقي وزارت تجارت تازو ئي فيشن انڊسٽري کي فروغ ڏئي برآمدات وڌائڻ لاءِ هڪ بورڊ ناهي ڇڏيو آهي، جنهن جو نالو بورڊ آف انڊسٽريل ڪلئبريشن رکيو ويو آهي ۽ مون کي ان جو چيئرمين بڻائي ان جي قيادت جو ذميوار بڻايو ويو آهي. ان بورڊ جي پهرين اجلاس ۾ اسان فيصلو ڪيو ته فيشن برآمدات کي وڌائڻ لاءِ بااختيار ڊيزائن سينٽر ۽ اي ڪامرس سينٽر قائم ڪيا وڃن. ساڳئي وقت، اسان اهو به طئي ڪيو ته هن ڪم ۾ ٻين اسٽيڪ هولڊرز يعني لاڳاپيل ڌرين سان مشاورت ڪئي وڃي ته جيئن پاڪستان جي فيشن انڊسٽري جي برآمدات کي مضبوط بنيادن تي ۽ پائيدار انداز ۾ ترقي ڏني وڃي. ان کان اڳ، مون فيصل آباد انڊسٽريل اسٽيٽ اينڊ ڊولپمينٽ مينيجمينٽ ڪمپني جو چيئرمين، فيصل آباد گارمنٽس سٽي ڪمپني جو ڊائريڪٽر ۽ ووڪيشنل ٽريننگ انسٽيٽيوٽ فيصل آباد جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز جو رڪن هجڻ جي حيثيت سان هميشه ڪوشش ڪئي آهي ته پاڪستان ۾ صنعتي ترقي کي وڌائڻ لاءِ هر شعبي ۾ ويليو ايڊيشن يعني مصنوعات کي وڌيڪ معياري، جديد ۽ قيمتي بڻائڻ کي ترجيح ڏجي ۽ ان لاءِ ضروري هُنرمند ماڻهن جي تياري تي وڌ ۾ وڌ سيڙپڪاري ڪئي وڃي. ان سلسلي ۾، تازو ئي پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف فيشن اينڊ ڊيزائن، لاهور ۾ پاڪستان جي پهرين بين الاقوامي ڊيزائن ڪانفرنس 2025ع: ’فيشن اينڊ گلوبل ٽريڊ‘ ۾ بطور خاص مهمان مون پنهنجي تقرير ۾ زور ڏنو ته پاڪستان کي فيشن ۽ ڊيزائن جي بدلجندڙ عالمي منظرنامي کي ڏسندي، وڏي پيماني تي هُنرمند عملي ۽ تخليقي صلاحيتن سان ڀرپور ماهرن جي تياري تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. اهي اهڙا ماهر هجن جيڪي عالمي سطح تي فيشن انڊسٽري ۾ پنهنجون تخليقي صلاحيتون ڏيکاري سگهن. ان سان پاڪستان ۾ فيشن ۽ ڊيزائن جي دنيا ۾ جدت، تعليم ۽ بين الاقوامي شموليت کي فروغ ملندو ۽ اسان جي برآمدات وڌائڻ جا به وسيع موقعا حاصل ٿيندا. ان سلسلي ۾، صنعت ۽ تعليمي ادارن (اڪيڊيميا) جي وچ ۾ رابطي کي بهتر بڻائي نه صرف موجوده مسئلن ۽ چيلنجز کي آسانيءَ سان منهن ڏئي سگهجي ٿو پر فيشن انڊسٽري کي وڌائڻ لاءِ موجود موقعن کي سڃاڻڻ جو طريقو به بهتر بڻائي سگهجي ٿو. ان سلسلي ۾، ٽيڪسٽائيل، فرنيچر، فيشن ۽ جم ۽ جيولري شعبن جي صلاحيتن (پوٽينشل) کي نظر ۾ رکندي، هر شعبي لاءِ الڳ الڳ قومي ۽ بين الاقوامي ڊيزائن ڪانفرنسون به منعقد ڪري سگهجن ٿيون، جيئن هر شعبي جي ضرورتن مطابق صنعت ۽ تعليمي ادارن جي وچ وارو تعلق مضبوط ٿئي ۽ فيشن ۽ ڊيزائن جي دنيا ۾ پائيداري ۽ جدت جو سفر اڳتي وڌي سگهي. واضح ڳالهه اها آهي ته فيشن ۽ ٽيڪسٽائيل انڊسٽري گڏجي ڪم ڪندي ويليو ايڊيشن ذريعي پاڪستان جي ٽيڪسٽائيل برآمدات کي نئين بلنديءَ تي وٺي وڃڻ ناممڪن نه آهي. ان لاءِ، جيڪڏهن اسين پنهنجن ڊيزائنرز ۾ جدت آڻيون، مواد (ميٽرئيل) کي بهتر بڻايون ۽ تحقيق ۽ ترقي (R&D) ۾ سيڙپڪاري ڪري فيشن انڊسٽري کي وڌايون، ته نه صرف برآمدات جو مقدار وڌندو، پر انهن جي قيمت ۽ معيار ۾ به واڌ ٿيندي ۽ ملڪ لاءِ وڌيڪ زرمبادلو حاصل ٿي سگهندو. ٻئي طرف، فرنيچر جي شعبي ۾ هٿ سان ٺهيل پاڪستاني فرنيچر عالمي مارڪيٽن ۾ وڏي طلب رکن ٿا ۽ ان کي هڪ اسٽيٽس سمبل پڻ سمجهيو وڃي ٿو. پاڪستان جي ڪاٺ مان ٺهيل فرنيچر آمريڪا، برطانيا، سري لنڪا، متحده عرب امارات، سعودي عرب، عمان ۽ ڪويت ۾ پڻ تمام گهڻي طلب رکي ٿو. آمريڪا ۾ گهڻي طلب بيڊ روم فرنيچر جي آهي، جڏهن ته برطانيا ۽ خليجي ملڪن ۾ ڪچن ۽ آفيس فرنيچر جي طلب وڌيڪ آهي. پر افسوس، پاڪستان ۾ فرنيچر ٺاهڻ واري صنعت گهڻو ڪري روايتي طريقن تي ٻڌل آهي. ٽيڪنالاجي ضروري آهي ته فرنيچر ٺاهڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ مشينري ۽ هارڊ ويئر جي مختلف درآمدي شين تي ڊيوٽي ختم ڪئي وڃي. ان سان فرنيچر ٺاهڻ وارو شعبو وڌندو ۽ ملڪ جون گهرجون پوريون ٿينديون ۽ برآمدات ذريعي ملڪ لاءِ قيمتي زرمبادلو پڻ حاصل ٿيندو ان کان علاوه، جم اينڊ جيولري جي حوالي سان به پاڪستان خاص اهميت رکي ٿو ڇو ته جواهرن جي ذخائر جي لحاظ سان پاڪستان دنيا جو پنجون وڏو ملڪ آهي. پاڪستان ۾ جواهرن جا وڏا ذخيرا خاص طور تي خيبر پختونخوا، گلگت بلتستان، آزاد ڪشمير ۽ بلوچستان جي ڏکڻ اولهه ۾ موجود آهن. جيڪي گهڻو ڪري ڪوهِ هندو ڪش، هماليه ۽ قراقرم جي جبلن ۾ ملن ٿا. هتان کان حاصل ٿيندڙ ناياب زميني معدنيات جهڙوڪ روبي، زمرد، نيلم، ايڪوامارين، پخراج، ڪوارٽز زرقون، گارنيٽ، فيروزي، پيريڊوٽ، اسپائنيٽ، ٽورمالائن، فيلڊ اسپين ايگيٽ، لاپيس لازولي، اوپل، مون اسٽون، فيلڊ اسپير ۽ ڪنزائٽ جهڙا قيمتي پٿر پاڪستان کي جم اينڊ جيولري جي عالمي مارڪيٽ ۾ هڪ اهم ۽ قابل ڌيان ملڪ بڻائڻ جي صلاحيت رکن ٿا.

پاڪستان جي ڪاٺ مان ٺهيل فرنيچر آمريڪا، برطانيا، سري لنڪا، متحده عرب امارات، سعودي عرب، عمان ۽ ڪويت ۾ پڻ تمام گهڻي طلب رکي ٿو. آمريڪا ۾ گهڻي طلب بيڊ روم فرنيچر جي آهي، جڏهن ته برطانيا ۽ خليجي ملڪن ۾ ڪچن ۽ آفيس فرنيچر جي طلب وڌيڪ آهي. پر افسوس، پاڪستان ۾ فرنيچر ٺاهڻ واري صنعت گهڻو ڪري روايتي طريقن تي ٻڌل آهي. ٽيڪنالاجي ضروري آهي ته فرنيچر ٺاهڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ مشينري ۽ هارڊ ويئر جي مختلف درآمدي شين تي ڊيوٽي ختم ڪئي وڃي. ان سان فرنيچر ٺاهڻ وارو شعبو وڌندو ملڪ جون گهرجون پوريون ٿينديون ۽ برآمدات ذريعي ملڪ لاءِ قيمتي زرمبادلو پڻ حاصل ٿيندو ان کان علاوه، جم اينڊ جيولري جي حوالي سان به پاڪستان خاص اهميت رکي ٿو ڇو ته جواهرن جي ذخائر جي لحاظ سان پاڪستان دنيا جو پنجون وڏو ملڪ آهي

مذهبي نفرت کي روڪڻ جو وقت ۽ دنيا جو خطري ۾ پئجي ويل امن!

اعجاز ممنائي

ڀارت جي صوبي بهار جي وزيراعليٰ نتيش ڪمار هڪ تقريب ۾ ايوارڊ ورهائيندي هڪ مسلمان عورت ڊاڪٽر جو نقاب زبردستي لاهي ڇڏيو جيڪو انتهائي شرمناڪ عمل آهي. هڪ سرڪاري تقريب ۾ ايوارڊ ڏيندي بهار جي وزيراعليٰ نتيش ڪمار پاران هڪ مسلمان عورت ڊاڪٽر جي حجاب کي زبردستي لاهڻ صرف هڪ انفرادي عمل ناهي پر انتهاپسندي ۽ فاشسٽ ذهنيت جو مظهر آهي، جنهن هندستان ۾ اقليتي برادريءَ کي نشانو بڻايو آهي. ان عمل جي سڄي دنيا ۾ سخت مذمت ڪئي پئي وڃي ۽ ان کي مذهبي آزاديءَ تي حملو قرار ڏنو پيو وڃي. ڀارتي ماڊل ۽ اداڪارا راکي ساونت وزيراعليٰ بهار جي ان عمل تي سخت تنقيد ڪندي وزيراعليٰ کان عوامي معافيءَ جو مطالبو ڪيو آهي. اداڪارا سماجي رابطن جي ويب سائيٽ انسٽاگرام تي جاري ڪيل وڊيو بيان ۾ چيو ته ”نتيش ڪمار هيءَ ڇا؟ توهان هڪ مسلمان عورت کي ايوارڊ ڏيڻ لاءِ سڏائي سندس عزت افزائي ڪري رهيا آهيو، وري سندس حجاب سان هٿ چراند ڪري بي حيائيءَ جو ثبوت ڏئي رهيا آهيو، ڇا توهان کي مسلمانن جي ثقافت ۽ تهذيب جي ڄاڻ ناهي؟“ راکي ساونت جو وڌيڪ چوڻ هو ته ”اسلام ۾ عورتن جو پردو هڪ مقدس عمل آهي ۽ ڪنهن کي به ڇُهڻ جو حق ناهي.“ ڇو ته ”هڪ پاسي توهان عزت ڏيڻ جي ڳالهه ڪندا آهيو ۽ ٻئي پاسي وري ان عورت جي بيعزتي ڪريو ٿا، توهان کي شرم نٿو اچي؟“ اداڪارا وزيراعليٰ کان مطالبو ڪيو ته هو ميڊيا جي سامهون ان عورت کان معافي وٺي، ڇو ته عورت سان ظلم ۽ برقعي سان هٿ چراند برداشت جوڳو عمل ناهي. واضح رهي ته اهو واقعو ڀارتي رياست بهار جي راڄڌاني پٽنا ۾ هڪ سرڪاري تقريب دوران پيش آيو هو جتي وزيراعليٰ نتيش ڪمار هڪ مسلمان عورت ڊاڪٽر جو حجاب زوري لاهڻ جي ڪوشش ڪئي. ان واقعي ڪانپوءِ عوامي سطح تي سخت ردعمل سامهون آيو ۽ هاڻي ڀارت ۾ وزيراعليٰ جي ترت استعيفيٰ جو مطالبو زور وٺي رهيو آهي. هوڏانهن ايمنسٽي انٽرنيشنل ان عمل کي عورت جي وقار ۽ سڃاڻپ تي حملو قرار ڏنو آهي ۽ چيو آهي ته ڪنهن کي به عورت جي لباس يا مذهبي علامت کي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ جو حق ناهي. اسلام ۾ پردو عورت جو خوبصورت زيور قرار ڏنو ويو آهي پر هندستان ۾ رياستي سطح تي مذهبي امتيازي سلوڪ هاڻي روز جو معمول بڻجي چڪو آهي. اعليٰ عدالتون به هندوتوا فاشزم جي سامهون بيوس نظر اچن ٿيون. هندوتوا نظريي، ڀارتيہ جنتا پارٽي ۽ مودي حڪومت جي انتهاپسند پاليسين نه رڳو مسلمانن جي مذهبي آزاديءَ کي نقصان پهچايو آهي پر سماج ۾ مذهبي تعصب ۽ انتهاپسنديءَ جو ٻج به پوکيو آهي. جيڪو ايندڙ وقت ۾ دنيا جي امن ۽ سلامتيءَ لاءِ پريشانيءَ جو سبب بڻجي سگهي ٿو. حجاب ۽ حياءَ عورت لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن. ڇو ته حياءَ عورت جو شان آهي، حجاب عورت جي سڃاڻپ آهي ۽ پردو عورت لاءِ فقط لباس نه پر عزت، وقار ۽ تحفظ جو نالو آهي. ڇو ته عورت سماج جو هڪ آزاد ۽ باعزت فرد آهي. پردو ڪنهن علم، شعور، نوڪري يا ذميواريءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ ناهي پر پردو ته عورت لاءِ حفاظت ۽ امن جو احساس آهي. پردي ۾ عورت پاڻ کي محفوظ، باوقار ۽ پُراعتماد سمجهي ٿي. ڪنهن نياڻيءَ کان زبردستي حجاب لاهرائڻ سندس عزت، آزادي ۽ انسانيت تي ڪُليل حملو آهي. هڪ غير مرد پاران عورت جي حجاب کي ڇڪڻ سندس شان ۽ مان کي لتاڙڻ آهي ۽ اهڙي توهين تي خاموش رهڻ به ڏوهه کان گهٽ ناهي.

افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته هڪ انتهاپسند هندو، هڪ معصوم مسلمان نياڻيءَ جو حجاب ڇڪي لاهي رهيو آهي ۽ ڀرسان بيٺل ٻيا ماڻهو روڪڻ بدران تماشو ڏسي خوش ٿي رهيا آهن!

هندستان ۾ هن وقت مسلمانن جي آبادي 200 ملين کان وڌيڪ آهي، جيڪا 188 ملڪن جي گڏيل آباديءَ کان به وڌيڪ آهي. جيڪڏهن هندستان جي مسلمان آباديءَ کي الڳ ملڪ طور سمجهيو وڃي ته اهو آباديءَ جي لحاظ کان دنيا ۾ اٺون نمبر وڏو هوندو پر هندوتوا ۽ موديءَ جي پاليسين جي اثر هيٺ هندستان ۾ لکين مسلمان پنهنجي مذهبي آزاديءَ لاءِ سنگين خطرن کي منهن ڏئي رهيا آهن. آمريڪي ڪميشن آن انٽرنيشنل رليجيس فريڊم جي 2025ع جي رپورٽ ۾ سفارش ڪئي وئي آهي ته هندستان کي مسلسل ڇهين سال مذهبي آزاديءَ لاءِ خاص طور تي ڳڻتيءَ جوڳو ملڪ قرار ڏنو وڃي. رپورٽ ۾ تصديق ڪئي وئي آهي ته هندستان ۾ مذهبي اقليتن خلاف تشدد ۽ امتيازي قانون وڌي ويا آهن. مسلمانن خلاف نفرت انگيز تقريرون، تشدد ۽ ملڪيت جي تباهي روز جو معمول بڻجي چڪو آهي. نوان شهري قانون ۽ مذهبي تبديلين تي سخت قانونن جو مقصد مسلمانن جي مذهبي آزاديءَ کي محدود ڪرڻ آهي.

گذريل ڪجهه سالن ۾ اقليتن، خاص طور تي عيسائين ۽ مسلمانن کي نشانو بڻائڻ واري قانون سازيءَ جي رفتار ۾ تيزيءَ سان اضافو ڏٺو ويو آهي. ٻه سال اڳ نسل ڪشيءَ جي خطرن کان خبردار ڪندڙ هڪ عالمي تنظيم، جينوسائيڊ واچ جي باني سربراهه گريگوري اسٽينٽن پڻ ”هندستان کي مسلمانن لاءِ هڪ خطرناڪ ملڪ“ قرار ڏنو هو ۽ چيو هو ته هندستان نسل ڪشيءَ جي اٺين مرحلي ۾ آهي، جنهن جو مطلب آهي ته هندستان ۾ مسلمانن جي مڪمل صفائي صرف هڪ قدم پري آهي. بي جي پي ۽ آر ايس ايس جي جنوني ماڻهن پاران مسلمانن سان ڪُيل سلوڪ ظاهر ڪري ٿو ته مسلمان هن وقت هندستان ۾ سنگين خطرن کي منهن ڏئي رهيا آهن. دنيا هن وقت مذهبي نفرت ۽ لاڳاپيل دهشتگرديءَ جي وڌندڙ واقعن کي ڏسي رهي آهي، جيڪا اهڙي فاشسٽ سوچ جي پوپان آهي. مذهبي بنيادن تي دهشتگردي، پوءِ اها سڊنيءَ ۾ هجي، غزه ۾ هجي يا هندستان ۾، ان جي سخت مذمت ڪئي وڃي ۽ ان کي روڪڻ لاءِ عالمي سطح تي قدم کنيا وڃن. عالمي برادريءَ جو اهو فرض هجڻ گهرجي ته ان کي روڪڻ لاءِ سيئي ضروري قدم کنيا وڃن. هندستان ۾ اقليتن، خاص طور تي مسلمانن لاءِ آواز بلند ڪرڻ نه رڳو هڪ پاڙيسري پر لياقت نهرو معاهدي تحت پاڪستان جو قانوني حق پڻ آهي. ان حوالي سان سرڪاري سطح تي سفارتي ڪوششون وڌيڪ تيز ڪرڻ گهرجن ۽ دنيا کي يقين ڏيارڻو وڃي ته جيڪڏهن هندستان ۾ هندوتوا دهشتگردي ۽ مذهبي نفرت کي نه روڪيو ويو ته پوءِ سڄي دنيا جو امن خطري ۾ پئجي سگهي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جو عظيم محقق ’ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ‘

منظور ڪوسو

لسانيات، علم، ادب، تاريخ، لطيفيات، موسيقي ۽ خاص ڪري لوڪ ادب کي ڪتابن ۾ محفوظ ڪري، سنڌ جي شاندار تاريخ ۽ ثقافت کي سانڍڻ واري اعليٰ پايي جي علمي ادبي شخصيت، محقق ۽ ماهر تعليم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو جنم 16 ڊسمبر 1917ع تي ڳوٺ جعفر خان لغاري ضلعي سانگهڙ ۾ ٿيو. سندس ولادت جي ڇهن مهينن ڪانپوءِ هن جي والد علي محمد خان جو هن فاني جهان مان لاڏاڻو ٿيو مستقبل جي عظيم محقق جي پرورش چاچي ولي محمد خان ڪئي.

1924ع ۾ ڳوٺ پليو خان لغاري جي پرائمري اسڪول مان سنڌي پنج درجا پاس ڪرڻ ڪانپوءِ مارچ 1929ع ۾ نوشهري جي مدرسي هاءِ اسڪول ۾ وڌيڪ تعليم لاءِ داخل ڪرايو ويو. جتان 1936ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪيائين. 1937ع ۾ جهونا ڳڙهه جي بهاءالدين ڪاليج ۾ داخلا ورتائين ۽ 1941ع ۾ انهيءَ ڪاليج مان بي اي آنرز فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ٿيڻ تي ڪيس سٺو روپيا ماهوار وظيفو جاري ڪيو ويو. 1945ع ۾ ايل ايل بي ۽ عربي ۾ ماسٽر فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪيائين 16 آگسٽ 1946ع تي برطانيہ سرڪار جي اسڪالر تي ڊاڪٽريٽ ڪرڻ لاءِ بمبئي کان آمريڪا روانو ٿيو. 1949ع ۾ پنهنجو تحقيقي مقالو Programme of Teacher Education for the New State of Pakistan مڪمل ڪري ڪولمبيا يونيورسٽي نيويارڪ کان ايم ايڊ ۽ پي ايڇ ڊي جي سند وٺي وطن وريو ۽ سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو. 1950ع ۾ وزارت اطلاعات ۽ نشريات ۾ آفيسر مقرر ٿي ’شهاب نامه‘ جي ليکڪ قدرت الله شهاب جي ماتحت خدمتون سرانجام ڏنائين. 1951ع ۾ علامه آءِ آءِ قاضي ڪيس سنڌ يونيورسٽي وٺي آيو، جتي پاڪستان جي پهرين قائم ڪيل ’ڊپارٽمينٽ آف ايجوڪيشن‘ جو سربراهه مقرر ڪيو ويو. 1973ع ۾ ڊاڪٽر صاحب سنڌ يونيورسٽي جو وائس چانسلر مقرر ٿيو. جنوري 1976ع ۾ يونيورسٽي ۾ سنڌي شعبي جو آغاز ڪيائين. پاڻ سنڌالاجي جا باني به هئا. اسلام آباد ۾ قائم قومي ڪميشن برائي تحقيق تاريخ ۽ ثقافت جا 1979ع کان 1982ع تائين ڊائريڪٽر رهيا. هتان هڪ اعليٰ معيار جو تحقيقي جرنل ”Journal of historic and culture“ پڻ جاري ڪيائين. هن اداري ۾ پاڻ چار سال رهيا ۽ جنهن سالن ۾ 25 ڪتاب شايع ڪرايائين. 1980ع ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ بين الاقوامي اسلامي يونيورسٽي



جو پهريون وائس چانسلر مقرر ڪيو ويو. ڊاڪٽر صاحب فيبروري 1991ع کان مارچ 1994ع تائين سنڌي لينگئيج اٿارٽي جا چيئرمين رهيا ۽ ان عرصي ۾ 25 علمي ۽ تحقيقي ڪتاب اداري طرفان شايع ٿيا. سندس ساري جمار علم ۽ ڪتابن سان محبت ۾ گذري وئي. لوڪ ادب، تاريخ ۽ تحقيق سندس محبوب موضوع هئا. لوڪ ادب جا قصا ۽ داستان يا شاعري فقط قصا نه آهن پر هن قسم جو ادب ڪنهن قوم جي سماجي ۽ ثقافتي تاريخ ٿئي ٿي. ڊاڪٽر صاحب لوڪ ادب جي اهميت کي محسوس ڪندي ڏينهن رات محنتون ڪري ڪشالا ڪڍي، سنڌ جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ سگهڙن ۽ ڏاهن سان ڪچهريون ڪري موتين جيان وکريل لوڪ ادب ۽ ڏاهپ کي سنڌي ادبي بورڊ جي لوڪ ادب رٿا هيٺ چاليهن کان به وڌيڪ ڪتاب جن مان ڪن ڪتابن جا ٻه ٻه جلد آهن. جيئن ٿيهه اکريون، ڳجهارتون ۽ ڪافيون وغيره مڪمل ڪري سگهڙن جي سينن ۾ دفن لوڪ ادب کي ڪتابي صورت ڏئي پڙهندڙن جي هٿن تائين آندو. لوڪ ادب رٿا ڪانسواءِ به ڊاڪٽر صاحب ڪتاب لکيا ۽ ترتيب ڏنا. جيئن سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ سندس هڪ شاهڪار ڪتاب آهي. بيلاين جا ٻول، رهاڻ هيرن جي ڪاڻ، سڀ رنگ ۽ ان کانسواءِ ٻولي، ادب ۽ تاريخ تي ڪيئي تحقيقي مقالا لکيائين. اهڙي ريت تاريخ، علم ادب ۽ ثقافت جو هڪ وڏو حصو ڪتابي صورت ۾ لائبريرين جي زينت بڻجي هر خاص و عام لاءِ فيض جو سبب بڻيو. نه فقط ادب ۽ تاريخ پر پاڻ سنڌي راڳ جي حوالي سان علم موسيقي جا به وڏا ڄاڻو هئا. ڊاڪٽر صاحب سنڌي موسيقي کي پڻ پنهنجي تحقيق جو موضوع بڻايو ۽ ’سنڌي موسيقي جي مختصر تاريخ‘ جي نالي سان هڪ ڪتاب به لکيو ان سنڌ جي تاريخ جا ٽي بنيادي ڪتاب چچ نامو، تاريخ معصومي ۽ تحفةالڪرام سڌاري سنواري اشاعت لاءِ ادبي بورڊ جي حوالي ڪيائون. جيڪي اڄ هر لائبريري جي زينت بڻيل آهن 93000 لفظن ۽ اصطلاحن تي مشتمل جامع سنڌي لغات ڊاڪٽر صاحب ۽ سندس محقق سائين جو هڪ بي بها علمي ڪارنامو آهي. ان کانسواءِ اردو سنڌي ۽ سنڌي اردو لغت پڻ ترتيب ڏنائون. ڊاڪٽر صاحب سنڌيءَ کانسواءِ عربي، فارسي ۽ انگريزي زبانن جو علم هو ڪافي املهه ڪتاب عربي فارسي مان ترجمو ڪري سنڌي ادب جي حوالي ڪيائين سچي جمار تحقيق، تصنيف ۽ تاليف ۾ گذاريائين. ڊاڪٽر صاحب جي علمي خدمتن کي هن مختصر ڪالم ۾ ته بيان ڪري نٿو سگهجي پر جيڪڏهن ڪيس سنڌي زبان جي انسائيڪلوپيڊيا چئجي ته وڌاءَ نه ٿيندو. جيئن مرزا قليچ بيگ ادب، آرٽ، سائنس تاريخ، فلسفي ۽ شعر و سخن تي طبعزاد ۽ ترجمو ڪيل سوين ڪتاب سنڌي ادب کي ڏيئي ٻوليءَ جو مان مٿانهون ڪيو. تحرير جو ڪو شعبو يا فن اهڙو نه هو جيڪو سندس ضبط قلم ۾ نه آيو هجيس! تيئن ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ به سهڻي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خدمت ۾ وسان ڪين گهٽايو پنهنجون سڀ صلاحيتون ۽ توانائيون ان ڏس ۾ ڪتب آنديئين. مرزا صاحب جيان هي به پنهنجي ذات ۾ هڪ ادارو هو. اهڙي ريت منهنجي ناقص علم موجب جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته مرزا قليچ بيگ ڪانپوءِ وارو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جو اچي ٿو جنهن پنهنجي سڄي جمار تحقيق، تاريخ ۽ ادب کي ارپي ڇڏي. ڊاڪٽر صاحب 6 اپريل 2011ع ۾ هڪ ڀرپور زندگي گذاري رحلت ڪري ويو. هن وقت سنڌ يونيورسٽي ۾ علامه آءِ آءِ قاضي جنهن جي علم ۽ شخصيت کان مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا عبيدالله سنڌي، سائين جي ايم سيد ۽ ناميارا قانوندان اي ڪي بروهي جهڙا مدبر به متاثر هئا. ان جي پهلو ۾ ابدي آرامي آهي. ٽئي عالم يعني مرزا قليچ بيگ، علامه آءِ آءِ قاضي ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي ڪلام جا عاشق ۽ شارح هئا. جن ٻين ادبي ڪمن سان گڏ ڀٽائي جا رسالا پڻ ترتيب ڏنا.

آئيني جي اڳيان ’بد خصال، ماڻهن سان جلال جي ضرورت‘

حڪيم پريم چانڊوائي

بد خصال، ماڻهو
ويري وبال ماڻهو
جيلا دجال ماڻهو
ٽي پئہ جلال ماڻهو

انساني سماج ۾ سڀ کان ڏکيو امتحان اُن ماڻهن سان پيش اچڻ آهي، جن جون عادتون فقط بگڙيل ناهن پر بگاڙ پکيڙڻ جو ذريعو بڻجي وڃن ٿيون. پريم شاعر جو هي شعر رڳو لفظن جو ميل نه پر سماجي شعور جو چٽو اعلان آهي. اهو اعلان، جيڪو ٻڌائي ٿو ته هر ماڻهوءَ سان ”جمال“ يعني نرمي، برداشت ۽ حسنِ اخلاق ڪارگر ناهي، ڪجهه ماڻهو اهڙا به هوندا آهن، جن لاءِ جلال، يعني سختي، وقار ۽ مضبوط رويو ئي آخري علاج بڻجي ٿو. بد خصال ماڻهو اهي آهن جن جي سوچ منفي، نيت شڪي ۽ عمل نقصانڪار هوندو آهي. اهڙا ماڻهو نه صرف پاڻ اندر بگاڙ کڻي هلن ٿا، پر جتي وڃن ٿا، اُتي فساد، تڪرار ۽ بداعتماديءَ جا ٻج ڇٽين ٿا. سندن گفتگوءَ ۾ زهر نگاهه ۾ حسد ۽ قدمن ۾ سازش لڪل هوندي آهي. اهڙي ذهنيت سان نرمي ڪرڻ اصل ۾ سماج سان ناانصافي آهي. ويري وبال ماڻهو، سماج لاءِ ناسور وانگر هوندا آهن. هو دوستيءَ جو نقاب پائي، اندر ۾ دشمني پالين ٿا. سندن هر مسڪراهٽ جي پٺيان ڪونہ ڪو مفاد لڪل هوندو آهي. جڏهن اهڙن ماڻهن سان حد کان وڌيڪ بردباري ڪئي وڃي ٿي، تڏهن هو ان کي ڪمزوري سمجهي وڌيڪ دليري سان ظلم ڪن ٿا. نتيجي ۾ نه رڳو فرد پر پورو ماحول متاثر ٿئي ٿو. شاعر جڏهن چوي ٿو ته جيلا دجال ماڻهو ته ان مان مراد اهي چالاڪ ذهن آهن. جيڪي ڪوڙ کي سچ ۽ سچ کي ڪوڙ بڻائڻ جو هنر ڄاڻن ٿا. اهڙا ماڻهو دليل بدران دوکو، سچائيءَ بدران چالاڪي استعمال ڪن ٿا. سندن مقصد اصلاح نه پر غلبو هوندو آهي. اهڙي نفسيات سان جمالي ڪيفيت، يعني نرمي ۽ سمجهاڻي، بي اثر ٿي وڃي ٿي. هتي ئي شعر جو مرڪزي نڪتو نمايان ٿئي ٿو:

’ٽي پئہ جلال ماڻهو‘ يعني اهڙن ماڻهن سان جلال سان پيش اچڻ ضروري آهي. جلال مان مراد ظلم يا زيادتي نه پر مضبوط اصولي رويو، واضح حدون ۽ اڻ لاڳاپيل جرئت آهي. جلال اهو وقار آهي، جيڪو غلط کي غلط چئي، حق کي حق سمجهي ۽ سازش آڏو خاموش نه رهي. سماج جو حسن تڏهن برقرار رهي ٿو. جڏهن هر ماڻهوءَ کي سندس رويي مطابق جواب ملي. جيڪي سڪڻ، سڌرڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت رکن ٿا. تن سان جمال، نرمي، محبت ۽ درگذر واجب آهي. پر جيڪي بدخصاليءَ کي هٿيار بڻائين ٿا، تن سان نرمي دراصل بدعملن بدڪارن کي همٿ ڏيڻ برابر آهي. اهڙي حالت ۾ جلال ئي سماجي توازن بحال ڪري ٿو.

اڄ جي دؤر ۾، جتي منافقت عقل سمجهي وڃي ٿي ۽ چالاڪيءَ کي هوشياري، اتي شاعر جو هي شعر اخلاقي رهنمائي بڻجي ٿو اهو اسان کي سيکاري ٿو ته سٺائيءَ جي حفاظت به فرض آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن اها حفاظت سختيءَ کان سواءِ ممڪن ناهي هوندي. مرڪزي خيال: هر انسان جمال جو حقدار ناهي هوندو. ڪجهه ماڻهن سان جلالي ٿي پيش اچڻ ئي اصلاح ۽ سماجي بقا جو ذريعو بڻجي ٿو حاصل مقصد: سماج ۾ نرمي ۽ سختيءَ جي صحيح توازن کي سمجهڻ ته جيئن بدخصاليءَ کي روڪي سگهجي ۽ انساني قدر محفوظ رهي سگهن. هي شعر دراصل اسان سڀني لاءِ هڪ آئينو آهي، جنهن ۾ ڏسي ڪري اسان کي فيصلو ڪرڻو پوي ٿو ته ڪٿي جمال اختيار ڪجي ۽ ڪٿي جلال لازم بڻجي وڃي ٿو.

فصلن جي بهتر پيداوار ۽ پاڻ جو صحيح استعمال!


ماجد سڪندر جوکيو

جيئن انسانن کي واڌ ويجهه ۽ صحتمند رهڻ لاءِ اسان جي کاڌي ۾ مخصوص قسمن ۽ مقدار ۾ غذائي جزن جي ضرورت هوندي آهي. ساڳي طرح ٻوٽن کي به سٺي واڌ ويجهه ۽ بهتر پيداوار لاءِ مخصوص قسمن ۽ مقدار ۾ ضروري غذائي جزن جي ضرورت هوندي آهي. پاڻ فصلن کي اهي ضروري غذائي جزا فراهم ڪندا آهن. جيڪي انهن کي سٺي واڌ ويجهه ۽ پيداوار لاءِ گهربل هوندا آهن ۽ تنهن ڪري انهن کي ٻوٽن لاءِ کاڌي جي هڪ صورت طور سمجهي سگهجي ٿو. پاڻ جي استعمال کان سواءِ، فصلن جي پيداوار، زرعي پيداوار ۽ مٽي جي زرخيزي تمام گهٽجي ويندي آهي.

فصلن جي پيداوار ۾ واڌ کي يقيني بڻائڻ ۽ پاڻ جي استعمال جي منفي ماحولياتي اثرن کي گهٽ ڪرڻ لاءِ پاڻ کي صحيح طريقي سان لاڳو ڪرڻ جي ضرورت آهي. فصلن جي پيداوار ۾ واڌ کي يقيني …

جيڪو فصلن جي پيداوار کي بهتر بڻائي ٿو. ماحولياتي اثرن کي گهٽائي ٿو ۽ فارم جي منافعي کي وڌائي ٿو. 4 R نيوٽرينٽ اسٽيورڊشپ موثر غذائيت جي استعمال ذريعي منافعي ۽ پيداوار کي وڌائي ڪري هارين کي فائدو ڏئي ٿو. جڏهن ته هوا ۽ پاڻيءَ ۾ غذائيت جي نقصان (جهڙوڪ نائٽروجن يا فاسفورس) کي گهٽائڻ سان ماحول جي حفاظت پڻ ڪري ٿو. جنهن جي نتيجي ۾ مٽيءَ جي صحت بهتر ٿئي ٿي، آبي ذخيرن جي معيار بهتر ٿئي ٿو. کاڌي جي حفاظت ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ ڊگهي مدت جي فارم جي استحڪام ۾ اضافو ٿئي ٿو اهو فصلن جي ضرورتن سان سپلاءِ کي صحيح طور تي ملائي ڪري هارين کي پنهنجي پاڻ جي …

فراهمي بهتر فصل جي واڌ ۽ پيداوار جي حمايت ڪري ٿي. گهٽ خرچ: 4 R نيوٽرينٽ اسٽيورڊشپ لاڳو ڪرڻ سان خرچ بچي ٿو جيڪو اڄ جي اهم ضرورت آهي.

ماحولياتي فائدا: غذائي اجزاء جي گهٽتائي: مناسب وقت ۽ جڳهه غذائي اجزا کي روٽ زون (ٻوٽي جي پاڙ جي ويجهو) ۾ رکي ٿي، زميني پاڻيءَ ۾ ليچنگ ۽ مٽاڄري جي پاڻيءَ ۾ وهڪري کي گهٽائي ٿي. آبي رستن ۾ غذائي اجزا جي وهڪري ۽ نقصانڪار اخراج کي … جي سطح وڌيڪ ٿئي ٿي. ماحولياتي نظام جو تحفظ: موجوده زمين تي پيداوار وڌائڻ سان، 4 R زمين جي استعمال ۾ تبديلين کي گهٽائڻ ۾ مدد ڪري ٿو قدرتي رهائش ۽ حياتياتي تنوع کي محفوظ رکي ٿو.

زرعي ۽ سماجي فائدا: فوڊ سيڪيورٽي: کاڌ خوراڪ ۽ فائيبر جي وڌندڙ گهرج کي پورو ڪرڻ ۾ مدد لاءِ زرعي پيداوار کي وڌائي ٿو. مقامي خوراڪ جي پيداوار کي وڌائي ٿو خاص طور تي ننڍن هارين لاءِ اهم. روزگار: خاص طور تي ننڍن هارين لاءِ R4 منصوبن جو مقصد لچڪ وڌائڻ، آمدني کي بهتر بڻائڻ ۽ زراعت ۾ صنفي برابريءَ کي فروغ ڏيڻ آهي. عوامي تاثر: پائيدار طريقن جو مظاهرو ڪرڻ سان صارفين ۽ ريگيوليٽري ادارن ۾ اعتماد پيدا ٿئي ٿو زمين جي سار سنڀال لاءِ وابستگي ثابت ٿئي ٿي. بهتر انتظام لاءِ تعاون کي همٿائي ٿو بهتر غذائي

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IV حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر2396 سال 2025

مسمات شهناز ڌيءِ محمد ابراهيم قمبراڻي رهندڙ گهر نمبر C-54 نسيم نگر فيز 1 قاسم آباد حيدرآباد ...پلينٽف...خلاف: جمن ولد محمد قاسم رهندڙ بخاري ٽائون ميرپورخاص....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 10-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول/ فيملي جج IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم II دوڙ
(روبرو جناب عنايت علي ميمڻ)
فيملي سوٽ نمبر70 سال 2025

مسمات بينظير ڌيءِ گل حسن رهندڙ ڳوٺ سائين داد مري ديهه 7 نصرت باندي تعلقو دوڙ...پلينٽف...خلاف: جنيد خان ولد علي گل مري رهندڙ زئوار علي حيدر مري ديهه 4 نصرت تعلقو دوڙ ضلعو شهيد بينظير آباد ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف نڪاح ٽوڙائڻ، جهيز جي واپسي ۽ مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي ايم II دوڙ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IV حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر2267 سال 2025

مسمات شازما ارشد ڌيءِ محمد ارشد يٽي...پلينٽف...خلاف: رميز امين ميمڻ ولد محمد امين ميمڻ رهندڙ فليٽ نمبر 403 فورٿ فلور رائل اسرار هائيٽس بلاڪ 13 گلستان جوهر ڪراچي 03072509129....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، مينٽيننس ۽ ڏاوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم II دوڙ
(روبرو جناب عنايت علي ميمڻ)
فيملي سوٽ نمبر62 سال 2025

مسمات حياتان ڌيءِ مرزو خان ڪوسو رهندڙ ڳوٺ ليمون خان ڪوسو دوڙ ٽائون حال راضو آباد محلہ دوڙ...پلينٽف...خلاف: گل داد علي ولد ميانداد ڪوسو رهندڙ ڳوٺ چانڊيو فارم نزد زيرو پوائينٽ سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 29-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي ايم II دوڙ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج II حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر.سال 2025

مسمات افسانه ڌيءِ پرويز ذات جتوئي رهندڙ نوراني بستي حيدرآباد ...پلينٽف...خلاف: فيصل ولد اختر جتوئي رهندڙ ڪوسر چوڪ سائيٽ ايريا ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، مينٽيننس ۽ ڏاوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج II حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول فيملي جج I ٽنڊو محمد خان
گارڊين سوٽ نمبر.سال 2025

صابر علي ولد الله بچايو ذات سولنگي رهندڙ ڳوٺ ڪمال رشيداڻي ٽنڊو محمد خان ايپليڪينٽ...خلاف: (1) زليخان بيواه (2) مسمات حاجاڻي (بيواه) (3) ساجد (4) سجاد (5) خالده (6) عابده (7)ساجده زال سومار سولنگي (8) ماجده زال محمد عرس سيريل نمبر 3 کان 8 سپ پٽ ڏيٿرون مرحوم الله بچايو (9) جنرل پبلڪ ....اپوننٽس (1) شاهزيب علي ولد مرحوم الله بچايو عمر 16 سال مائنر معرفت ايپليڪينٽ ...وارڊ / مائنر

نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،25 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول فيملي جج I ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج II حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1926 سال 2025

مسمات ستاره ڌيءِ الله ڏنو زال شاهنواز رهندڙ ڳوٺ دريا خان بيگ مغل هٽڙي تعلقو ضلعو حيدرآباد ...پلينٽف...خلاف: شاهنواز ولد الله ڏنو رهندڙ مسوپرگڙي حيدرآباد ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج II حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول فيملي جج I ٽنڊو محمد خان
گارڊين سوٽ نمبر.سال 2025

واجد ولد صادق علي ذات سولنگي رهندڙ ڳوٺ ڪمال رشيداڻي ٽنڊو محمد خان ايپليڪينٽ...خلاف: (1) زبيده بيواه (2) مسمات حاجاڻي بيواه (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج .. اپوننٽس (1) تنوير ولد صادق علي عمر 16 سال معرفت ايپليڪينٽ...وارڊ / مائنر

نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،25 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول فيملي جج I ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

ٿرڊ سينئر سول جج اينڊ رينٽ ڪنٽرولر حيدرآباد
رينٽ ايپليڪيشن نمبر.سال 2025

ذوهيب احمد ولد معين احمد ون پورشن پلاٽ نمبر سٽي سروي فليٽ نمبر 7-1153 محلہ تلسي داس روڊ گاڏي کاتو حيدرآباد ...ايپليڪينٽ...خلاف: انور نعيم شيخ ولد نعيم الدين شيخ رهندڙ پلاٽ نمبر 189 سٽي سروي نمبر 115 تلسي داس روڊ گاڏي کاتو حيدرآباد حال رهندڙ 363-SQ FT پارٽ آف S.No F/1153/7 واقع تلسي داس روڊ گاڏي کاتو حيدرآباد ....ريسپونڊنٽس

نالي مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ رينٽ ايپليڪيشن زير قلم 15 سنڌ رينٽڊ پرمسز آرڊيننس 1979 تحت دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 22-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ٿرڊ سينئر سول جج اينڊ رينٽ ڪنٽرولر حيدرآباد

عام اطلاع

هرعام وخاص کي هن نوٽيس جي ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون نالي محمد فضل خان ولد نثارمحمد رهندڙ فليٽ نمبر A-216 گرين هل ويو اپارٽمينٽ ڪوهسار هائوسنگ سوسائٽي لطيف آباد حيدرآباد هڪ عدد پلاٽ نمبر C-172 ايراضي 120 چورس فوٽ واقع گلشن قائد هائوسنگ اسڪيم ايڇ ڊي اي حيدرآباد نالي مسمات شازيه زال محمد ريحان رهندڙ گهر نمبر C-48 ايمپلائيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي ڪوهسار فيز 2 حيدرآباد کان خريدڪري لينڊ مينجمينٽ ڊپارٽمينٽ ايڇ ڊي اي حيدرآباد رڪارڊ ۾ پنهنجي نالي منتقل ڪرائي رهيو آهيان اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪو قانوني اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض اسٽنٽ ڊائريڪٽر لينڊ مينجمينٽ ايڇ ڊي اي سوڪ سينٽر حيدرآباد کي تمام قانوني دستاويزي ثبوتن سان روبرو يا رجسٽرڊ پوسٽ جي ذريعي ڏياري موڪلين معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ منتقلي جي ڪاروائي مڪمل ڪئي ويندي

محمد فضل خان ولد نثارمحمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IV ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر.سال 2025

مسمات ذڪيه زال عزيز احمد ڌيءِ امير بخش ذات قمبراڻي رهندڙ خاصخيلي محلہ ٽنڊو الهيار ...پلينٽف...خلاف: عزيز احمد ولد عبدالستار ذات قمبراڻي رهندڙ ڳوٺ ميمڻ محلہ گهر نمبر 11 ٽنڊو الهيار ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IV ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج II ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر.سال 2025

